# وڇوڙو

## سنڌي ڪھاڻيون

ليکڪا

سندري اُتمچنداڻي

ساهتيہ اڪادمي جو انعامي ڪتابُ 1986

Go to the Index page & click the page number of the story that you wish to read.

Printed in Dec 1985
By Nai Duniya Publishers, Mumbai
www.SundriUttam.com

# Smt. Sundri Uttamchandani



28/09/1924 to 08/07/2013

# Vichhoro

By

*Sundri Uttamchandani*

Short story collection

Dec. 1985

Nai Duniya Publications Mumbai

C/o Asha Chand
+91 9769313331 , +91 9821473200,
+971 50 4506739
www.Sundriuttam.com
www.SindhiSangat.com
info@SindhiSangat.com

# "وڇوڙو"

( ٩ سنڌي ڪھاڻيون )

ليکڪا:

## سندري اتمچنداڻي

ڊسمبر ١٩٨٥

قيمت ٻارهن رپيا

ڇپائيندڙ

## نئين دنيا پبليڪيشن

اي-٩، فلوريڊا، سينٽلاڊيوي روڊ، مهيم،
بمبئي-٤٠٠٠١٦. فون : ٤٦٤١٣٦

# فهرست


| ناالو | صفحو |
|---|---|
| ١- ڪارو گھوٽ | ٩ |
| ٢- آکيري جا آڳلاڪي | ١٩ |
| ٣- ڪدوار ٻيءُ | ٣١ |
| ٤- مهانگي گڏي | ٤٤ |
| ٥- سنڌوءَ جو روپ | ٥٥ |
| ٦- وڇوڙو | ٦٥ |
| ٧- قدر ڪونهي | ٧٤ |
| ٨- سوريءَ سيج چڙهيو | ٨٤ |
| ٩- نانڪي | ٩٥ |



Vichoro ( 10 Short Stories ) by Sundri Utamcandani
1st Edition – December 1985. Rs. 12/-

Publisher : Naeen Dunya Publication, B-9, Florina,
Sitladevi Road, Mahim, Bombay–400 016.

Printer : Inqlab P. Press, (Sindunagar-3.) Ulhasnagar-3.

# پاڙهڪن لاءِ ٻه لفظ

هي سندري اتمچنداڻيءَ جي ڪهاڻين جو پنجون مجموعو آهي. ان ۾ ٽي ڪهاڻيون هن سال جون آهن، چوٿين ۱۹۸۳ جي ۽ پنجين ڪهاڻي ۱۹۷۷ جي آهي. باقي ۴ ڪهاڻيون ۲۰،۳۰ سال کن اڳ جون آهن. اهي ان لحاظ کان ڏنيون اٿئون جيئن پاڙهڪ ورهاڱي بعد جي دور جي جهلڪ پسي سگهن ته هاڻوڪي زماني سان ڀيٽي سگهن ته اهي ڪيئن نه اڄ به اهميت رکن ٿيون.

هي ڪهاڻيون ڀانت ڀانت جي وشين — پيار، شادي، ڏيتي ليتي، گهرو کٽ پٽ، استري پرش جي سياءَ ۽ سنبنڌ، ڀارتي سنڌين جي آکيري، سنڌيت، شخص جي آزادي ۽ قدر وغيره جي چٽرڪاري ڪن ٿيون. انهن ۾ ڪٿهه لوڙي اڄ جي ڪهاڻي — ڪلا ڀڃوائي نظر ايندي.

سندريءَ جي لکڻي لاڪيڻي ۽ ٻولي ڀڳڙي ته آهي ئي. انڪري سندس ڪافي ڪهاڻيون وقت جي ڪسوٽيءَ تي ڪسجي يادگار ٿيون آهن ته ڪافي چٽاڀيٽين ۾ انعام به کٽيا آهن. انهن مان هڪ "وڇوڙو" ڪهاڻي هن مجموعي ۾ آهي، جنهن ڀارت ڀر جي مکيه ڪهاڻيڪارن جي چٽاڀيٽي (۱۹۶۰) ۾ آيل ۲۲۹ ڪهاڻين ۾ پهريون انعام حاصل ڪيو هو. ان ئي چٽاڀيٽيءَ ۾ سندري ئي هئي جنهن ٻه انعام کٽيا هئا. پهريون

انعام سنڌس ڪهاڻي "ڪير ٻريا هٿڙا" تي مليو هوس. سنڌ ۾ "ساڻيهه سنڌو" وارن **"ڪرندڙ ديوارون"** ناول لاءِ انعام ڏنو هوس. ٻيا به انعام سوويت لئنڊ جا ۽ هند سرڪار جو مليو اٿس. تازو ڪيس اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا پاران ۱۹۸۴ جو انعام ڏه هزار رپيا به مليو هوس.

انعامن کانسواءِ سنڌريءَ جون ڪهاڻيون لوڙي ناول ۽ مجموعا ور ور ڪري ڇپيا آهن، جيئن ڪرندڙ ديوارون ۽ ڀـرپت ڀرائي - رپت نرالي ناول پنج پنج دفعا ڇپيا اٿس ته "ڀدڻ" ۽ "ڀـوري" مجموعا ٽن سالن ۾ ٽي ٽي دفعا ڇپيا آهن. اهڙو مقبوليت جو شرف شايد ئي ٻئي ڪنهن سنڌي ليکڪ کي مليو آهي. سنڌس ڪيترن ئي ڪهاڻيون ٻين ڀارتي ٻولين ۾ ۽ ڪرندڙ ديوارون ناول هندي، اردو ۽ ٻنگاليءَ ۾ به ڇپيو آهي.

سنڌريءَ ڪهاڻين ۽ ناولن کانسواءِ ڪيترائي ناٽڪ، ڪوتائون، مضمون به لکيا آهن. سنڌس ٻه ڪتاب "ڀارت-روس ٻه ٻانهن ٻيلي" ۽ "نئين سڀيتا جو درشن" (سنڌيءَ ۾ پهريون روسي سفرنامو) به ڇپيل آهي ته اڌ درجن کان مٿي ڪتاب ترجمو به ڪيل آهن. ساهت رچنا سان گڏ سنڌريءَ سنڌيت ۽ ساهتڪ هلچل ۾ به ڀاڱو خوب موکيو آهي. اسين عام پاٺڪن جي راين جي آجيان ڪنداسين.

**- ڇپائيندڙ**

# کارو گهوٽ

سانوري ڇوڪري کي ڏسي مونکي کل اچي وئي. ڏاڍيءَ منهنجي ڳلي ۾ ٻانهون ورائي منهنجي نراڙ چمي چيو، "شاباس هجيئي شاملي ڏيءُ! گهر جي عزت رکي اٿيئي. هي ته ڇوڪرو پسند نه ڪرين ها ته پاڻين ته ڏوکي عمر ڀر ڪنوارو وهاري ڇڏڻ جو سوچي ڇڏيو هو."

مان واڻڙي ٿي وياس. مون چيو، "اما ڀر مون ته اڻهيءَ ڇوڪري کي پسند ڪين ڪيو آهي." ۽ يڪدم پاڻوءَ کي سڏ ڪري چيم: ٻاءُ! ڇوڪرو ته مون لاءِ اهڙو ڳولي آيو آهين جو ٻئي ٻارڻ جي ضرورت ئي نه پوندي!

پاڻو چيو، "ان جي معنيٰ هي دلهڪ ڏوکي پسند آهي نه؟"

مون رڪجي چيو "دلهڪ ڇا جو چندرما چڱ چندرما!"

پاڻو نهه پهه دلهڪ کي ٻئي ڪمري مان ڇڪي ونـــي آيو ۽ منهنجو هٿ ڪٽي سندس هٿ ڏــي وکيائين پهنجي ڪڙڪا ڪولا ٻالڻيءَ مان سيڻي کي چندا هٽي چوڻ لڳو، "وڏاڻجو پاڻي وڏاڻجو ...... اڙي ڪوڻي آهي؟ ۽ هار ته ڪٽي اچو! سوامونڙ جي رسم ادا ٿي وڃي..."

مان ته مُنهن ۾ گهنڊ وجهي پاڻ ڏي ٿي ڏسي رهي هيس ته هيڏانهن نهاري ته چوانس: "هيءَ ڪهڙي بدتميزي آهي؟ ... پر پاڻو نهاري ڇو ئو - نهارڻ جو وقت ئي ڪونه هوس. ڇو ته مڙس ۾ سندس جوءِ ۽ ٻن ڀائرن سوڌي ٻرگهٽ ٿي. وئي. ڪيترائون ساهيڙيون ۽ ٻيون پاسي اچي سهڙيون. مونکي گهوٽ صاحب جي سامهون ڪري ويهاريائون. مون ته ڪاري ڪمار کي ڏسڻ ڪان ئي پان ٻري ڇڏي هئي. سو ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيس. ساهيڙين مهندي ن هٿن کي مٿي ڪري سندس گلي ۾ مونکان هار وجهايو. مان اندر ۾ ٻٽي اپاميس. دل ۾ چيم: هاڻي پلي خوش ٿئي اهو ڪارو ڪلوٽو، پر جيڏي مهل ٻڌندو ته شامليءَ ڪوٺلي خان سان ڪل ڪل ۾ مڱڻو ڪيو هو ۽ هاڻ شادي ڪرڻ ڪان ناري ئي واري ته اوڏي مهل اهي نيڻگ ٿيا ڏيندو جي اٿ ڏيندا آهن درياءَ ڏسڻ ٿي.

اوچتو محسوس ڪيم ته ڪجهه گرو گرو اچي مهندي گلي ۾ لٽڪيو آهي. باپ ڙي! هيڏو هار! جان ڪٽي ڏسان ته سچو ڪاڄن ڪشمش جي وچ وچ ۾ نوٽن سان ٻوٽل ۽ پتلي ۾ صوف مٿان ۽ نوٽن جي ٿهي ٻوٽي پيئي آهي. دل چيو: آهي ڪارو پر ناڻي وارو. مگر اليئي مون ڦٽڪاريو: ڇري مٿان هرکي آهين ناڻي لي. باه، ڏجي اهڙي ناڻي کي جو سچو ڏينهن ٻهڻجي اکيان وساڻيل لالٽين جي

ڪاري شيشي کي ڏسڻو پيو. اهڙي جيئڻ ۾ جس
ڪھڙو؟ ليڪن هي ٽپالاجي ڪٿان پاڻيڻ؛ اڄي بهتو گيڙو ء
رڙا ڪپڙا مٿي ٽيي، ڪنگوء رڙو للڪ مٿهن ۾ مهما
اهڙي جڻ ستدارائڻ جي ڪٿا مان سدائن سواءِ
پرگهت ٿي پڌاريو هو. اوچتو منهنجو هٿ ڪٽي
ديڪ جي ڪاري هٿ مٿان رکيائين ۽ مٿو اڇارڻ
لڳو. منهنجي ڪو اصورت هٿ ٽپا ۽ چمڪو ڏيکاريو...
پنهنجي هٿ جي اڇاڻ ٿي خود ئي مرهت ٿي
پيس. چوان پيٽي: لڏهن روشنيءَ جي هستي اوندهه
سبب معلوم ٿئي ٿي. اڄا ڪاري هٿ مان پنهنجو
سهڻو هٿ ڪسڪائي ڪڍي وٺڻ جو سعيو پئي ڪيم
۽ ڪاري وٽي زور ڏنو. هونءَ ۽ مان ڏڪڻ آهيان.
ڪوئي ڪل چرچي ۾ ٻ. اهڙو زور ڏنيم ۽ جيڪر
وٽي ڪيڪ ڪريان. ٻر هن جو زور ڏيڻ ٿي ڪڏهن
عجيب ڍنگ جو هو. اس، هٿ قابو ٿي ويو ۽ ٻدن
ڻشي ۾ نستو ٿيڻ لڳو. من چتايو جي: شاملي اڄ ۽
ٻاڻ ڇڏايئه ۽ هي جادوگر هٽي جوء ڪري وهاريندي.
ليڪن سگهه ۽ سرمه ٻ هجي ٻدن ۾ ۽ نازڪ هٿ
ڇڏايان! اڄا هٿ ڇڏائڻ جي ڪا ڪوشس ڪيم ۽
وري اهڙو مضبوطيءَ سان زور ڏنائين جو ساري
ٻدن ۾ وڃ جو ورڪو ڦري ويو. هاڻ ۽ سرير ۾ سٽ
ئي ۽ رهيو هو. اٽري ۾ ٽپا ٿي ڏسان ۽ ٻانڻ اسان
جي هٿن اندر هڪ ڪارک ڪپائي مٿان گساڙهن ڏاڳن

سان هٿن کي وڌي سوگهو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. دل چيو: آلا شاملي هي ته قصو وڃڻي ٿو وٺندو ...... منهنجي من شيطان وانگر اندر ٽپو ڏنو. ڇي: بال جيترو زور سان اڇليو اوترو .زور سان واپس ايندو ... ٽرس ته ڪٿن ٿي سيٽي کي مزو چکايان.

سکيون سڀ گڏجي ڪوچ کي سهري آيون هيون، مان ڪنهن طرح پاڻ کي غافل ٿيڻ کان بچائي ان لي ويٺي رهيس. پر لڳو پئي هٿ جي اندر ڪا اهڙي بجلي جي ڪرنٽ چالو ٿي وئي هئي جو هوش سنڀالڻ مشڪل ٿي لڳو.

پاڻيءَ جو مڪ ته هليو ڪونه پئي. پوءِ به، وڏي پڙهڻ جو آواز منهنجي ڪنن بلڪل صاف پئي ٻڌو. دل ۾ چيم: بابو مونکي هن انڪل سان شاديءَ جي ٻڌن ۾ ٻڌي، پر مان ته سياڻي آهيانس. ٻند آزاد ڪرائي اچي گهر وهندي سانس.

اچا وڏي مس پوري ٿي ته هر ڪو پليٽ کائڻ لڳو. ڪاري گهوٽ کي منگولا ڏناءون ته هن يڪدم اها کٽي منهنجي چپن وٽ جهلي. هيڙي گهٽ گهٽان ۾ اڄ ته زبردست لڳي هئم سو ڏري گهٽ مني ٻائلي ته هڪ ٿي گڏيس سان ٻي وڌس، پر ڇا ڏسان ته هي زن مريد کٽندڙئي اها جوٺي ٻائلي پاڻ ٿي وڌو. ڪنڌ هيٺ ڪري منهنجي کن وٽ ٿو چوي:

”جن چپن جي چهڻ سان، مٺڙو لا ڇهڙي مٺي ٿـي
ٻوٽي ٿي ته اهي چپ ته قيامت هوندا. ..“

آلا مان ته ڇڄ مري ويس. هـن ڪاري گهوٽ ته هٿ مڙهڪجي سـسي ٿي نيڙي پاند اڇلي ڇڏي. هـٿ اڳيئي سوگها ۽ ساهه هيٺ مٿي. وري مٿان هـيءَ سرگوشي!! اهڙي سڪ ته سهڻن ۽ خانداني خريدارن کي نه ٿيڪاري هئي هن وقت ته رڳو ڇڪ ٿـي ڇڪ هئي.

سڪينه ٻڌي ڪن وٽ گونجار ڪئي. چي: ڏاڍو ان منهن ڳالهيون ٻيو ٻڌائيندي شايد. مونکي ڪل اچي وئي.

هڪ سکيءَ چيو، ”لون ته ٽڙان ٿيئي. وڃ ڪري ڇونڊي هٿن ڪارو گهوٽ قبول ٿـي ڪين ڪندس ...“

دل ۾ چيم : هن سکيءَ کي جو اهنه ڇوڪرا ناپسند ڪري ويا آهن سو مڙهڪجي پاڳ لي ٿيئي سڙي ٿئي. ڪل اچا ۽ گهٽي اڇـڙ لڳي ڇو ته ان مهل ڪاري گهوٽ منائيءَ ٽڪري مڙهڪجي واسه وٽ رکي سس ٻس ۾ چيو، ”سڄي نه ڪائنج رڳـو ٽليو ڇڪ ٻر ج، ڇتونءَ ٽڪيل ميوو کيڏو نه مٺو ٿيندو آهي ...“

دل ۾ چيم ”ڪـل ڪني، هاڻي ٻڌ ۽ ٿي، نه ته ساهيڙن جي طعنن لڏڪن سان ته سڙجي ويندس.“
پاڻيڙ هٿيالو ڇڙٿيو ته ٻگهو ساهه. ڪٺي ڇڄ قيد مان

آجي ٿيس. چيم: هاڻي وڃي ٿي پاڻوءَ کي اهڙي
ڏرپست پڏايان جو عمر ياد ڪندو. اچا هڪڙو قدم مس
وڌايم ته ڏٺم ته هوءَ مدهڃي اڻ دفعا نڪراڻل چڻدي
مهاديوي مدهڃي گهوٽ جي اڳيان اهڃي ٿي چوي،
"ساڻوري سلوڻي ڪرشن ڪنڌي جي، ڪا ساڻين ٿي
۽ نظر نوازي ٿيندي ڪين نـ... " مدهڃي ڪاري
گهوٽ، جو مٿس ازاڙ نظر نوازي ڪئي ته مان اڻيٺي پنڊ
پهڻا ٿي ويس. سمجهيم گهر جـو پڇو ٿي ڦري ويو
آهي. واپس پير ڪڍي سؤ رنڪا مهاديويءَ کي پرتي
ڪري گهوٽ جي پاسي ۾ ويهي رهيس.

ويڏيءَ مهل مدهڃي پـاچاڻـيءَ مـونکي هٿن ۾
مدپيون پانهن ۾ نـوان چـورا ڳڇيءَ ۾ هيرن جـي
ڏن مٽي ۽ پيرن ۾ چير ڪڍي پاڻي هٿي. مون جو ڏهه
پندرهن چوڪرا نا پسند ڪيا هئا سو پاڻيءَ جي سڪ
۾ شايد ديڄي اچي ڦاٽي هئي.

چير جا گهنگهرو مدهڃي ساڙهيءَ جي فال وارن
سڳن ۾ ڦـورو اٽڪي پيا هئا. جڏن ٿي همت هيٺ
ڪري انهن کي ڇڏائڻ جي ڪيم، تيڏن ٿي ۽ همت
اچي مدهڃي هٿن سان وچڙيا، گهوٽ راجا پدهڃي
پدهـي هٿـن سان مدهڃـي چير کـي فـال کـان
آجو ڪري ڇڏيو، من چيو، "شاملي! پندرهن چوڪرا
جي هن ڪان اڳي ٿو رديءَ جي ٺوڪريءَ ۾ اڇلارايا
هئـا، سي هـن ڪاري ڪمـار وانگر ٿپ ٿپ لـي

تنهنجي مدد ڪن ها؟" شيطان اندر ۾ ٽهڪ ڏنو،
”ڀلا ٻ هجي هي ته سانورو فقط چنڊيءَ مهاديويءَ
جي ئي آڌر آهي. اٿي وڃي پاڻوءَ جي ٻچڪي لاهه."
اڀا اٿڻ جي ٿي ڪيم ته ڏسان ڪلونٽي مهاشيه
ته مونکي ٻنيان ساڙهيءَ ڪان ٻڪڙي رکيو آهي.
مون ٽيڏيءَ اک سان غصي مان ڏانهن نهاريو ته ٿو
ڪن وٽ پڇوي، ”هيتر ن ماڻهن جي اڳيان هوڙيءَ
اڙيءَ نظر سان ڇو ٿي ڏسين مونکي! ڪٿل ڪي وري
ٿي ڪڍين ڇا؟" ۽ ٻنيان جيڪو هٿ ساڙهيءَ کي
جهليل هوس انجو ڇڏيو ڪونيءَ ۾ ٻه ٻڪڙجي ويو.
هوڙيءَ ڳالهه ٿي هونءَ ته مونکان ٽهڪ نڪري
ويا ها. ٻر هيءَ مهل منڊ ٿي اوچتي اچي ڪڙڪي
هئي. مون ٻه ٻنيءَ کي زور سان ڪوچ ڏسي هٽي،
سندس منهنجي ٻنيان وکيل هٿ ڪـي ڇنياٽڻ جـي
ڪوشش ڪئي. ٻر هي ڇا؟ ٻنيءَ ۾ جـڻ وڇون جا
ڏنگ اچي لڳا. مان پريشان ٿي ويس. هن حاڪم اک
ڇپائي ٻنيان هٿ ڪڍي ورتو.
موڪلائيءَ مهل پاڻوءَ کي ڪن ۾ چيم، ”تو مونکي
ڪهڙ مان ڪيڻ لاءِ هي سڀ سانگ رچيو آهي. هاڻي
ڏسجي ٿان ڀلا ٿي ڪرهان؟"
پاڻوءَ ڪوڙي اوچگار ڏيئي ڪوڙي سڏڪا نڪ
مان اڇلائي چوڻ لڳو، ”ٻيدري! منهنجي جان جگر
ٻهڙي نيمه ٻرانـي ٿي ويهيئن ... هاءِ اڄ ممي - ٻاٻا

جهڙا هجن ها ڏوڪي اکين سان ڪنوار جي وٽس وڃي
ڏسن ها ... " مٿان وري جو مونکي ڳلي لائي وٺي
پاڪر پاتائين ته اکيون منهنجون بيوقوف ائين رڙي
پيئون ڄڻ ڪنهن اصر جو پاڻي ٻڌو هجو منهنجون.
سڏڪا ٻڌندي امان وڏيءَ ڪان موڪلايم. ڪارو
گهوٽ ته موقعي لاءِ ڪو ٻڌيو ويٺو هو. سرهيءَ
سيندت وارو نرم ريشمي رومال ڪڍي ويٺو منهنجا
ڳوڙها اگهڻ ..... اڙي اڙي مان ته سڄيءَ رستي روئي
رهي هئس !!

هڪ سهڻي ڳاڙهيءَ موٽر ۾ ڪڍي وهاريائون مونکي
ڪنهن طرح ڪاري جي گهر ڏي نيئي ويا. موڪلائڻ
مهل پاڻ منهنجي هٿ ۾ وڏڙهيل سينڌيل هئي جي
اُڪري ڪٽي ڪڙائي هئي، گهر جي در وٽ
ڪاري جي ماءُ کير پيئاريائين ۽ جو ڪٽورو منهنجي
اڳيان آندو ته هٿ وارو پهرو ڪٽي گهوٽ راجا ڪي
جهلڻ لاءِ ڏنم. کير پيئڻ مهل اوڙي پاڙي جون
مائيون منهنجي سونهن جون سرڪيون ڀرڻ لڳيون.

ڪاري جي ماءُ منهنجي مٿي ان ٻڪڻ جهليو
پئي آئي. هڪ سهڻي نئين غلم تي وهاري مونکي
پاڪڙيائي ٺراڙي چميچيائين، نونهن گهر جي سونهن!
سدائين ٻڪڻ تي رهجان ء.

ننڍيون نينگريون منهنجا مٽيا ڪپڙا پيئون ساراهين
انهن کان وڌيڪ منهنجي نڪ چپ جي سونهن

کي ساراهي ڇوڻ لڳيون "واڌا ڪرشن جـي جوڙي آهي." ڪنهن چيو: "اڄ ٻئي ديوالائون آهيو اسان جي نياڻين کي ٻه آسيس ڪريو ته ههڙا ور گهر ملن..."

مـارا! هنن مـاڻن جـو تـہ دماغ بلڪل ئـي خراب آهـي ... آخر ڏنر مٽي، ڪوڙا مٽي جڏهـن واندي ٿيس، تڏهن پائوءَ واري ٻني جي ڇلڪي ياد پيئي. ڪاري گهـرت ڏي نهاري اشاري ۾ ڇلڪي گهرام.

ستياناس! هي ته ديپڪ وساڻو پيو هو. ڇلڪي مونکي ائين ٻڪڙاپائين جڻ سندس قاسيءَ جو پروانو هو جو جيلر کي ئي ڏنائين. ڪاري ڪرشن جي منهن جون ڪوڏيون جڻ ڪوڙيون ئي ويئون هيون. مونکي ان مهل ڪسندڙ ٻڪريءَ جون اکيون ياد اچي ويون. ڏاڍيءَ اڻ تڻ سان پيو کوليم. لکيل هـو، "معاف ڪجو پيءڙي! اڄ تاريخ ڪهڙي آهي، ضرور ياد هوندءِ انڪري هيءُ سڀو ڪارج اپريل فول جو چرچو سمجهي پڇي ته ايندينءِ تہ توکي ڪو ته ميار ڪين ڏيندو. اصل ۾ مونکي هن واقعي کي اپٽرو وڏائڻ جو ويچار ڪين هو پر ديپڪ چرچي چرچي ۾ ساڀيا اڻڄڻ شروع ڪري ڇڏيو. يا شايد مونکي ائين ٿو لڳي. مگر تون آزاد آهين اهڙو قول هن ڪارج جي شروع ٿيڻ کان اڳ ئي مون ديپڪ کان وٺي ڇڏيو هو."

ڇلڪي پڙهندي محسوس ڪيم اهـي ڪسندڙ

ٻڪريءَ وارڻون اکيون مون ۾ کتل آهن. ڪنڌ مٿي کڻيم ته ڇا ٿي ڏسان؟ هڪ ڏيئو آهي جنهن ۾ تيل ۽ ٻٽيل آهي وٽ، ۽ ويجهو آهي ماچيس ۽ اڳيان رکيل اٿس مگر منجهس روشني ڪانهي. اگر مونکي اُنجي لاٽ ڏسڻي آهي ته فقط هڪ تيلي گسائڻ جي ئي دير آهي.

ڏسندي ڏسندي منهنجي چپن تي شايد مرڪ جي چلڪات ظاهر ٿئي، ڇو ته ڏٺم فيوز ٿيل بلب ۾ به مرڪ پسرجي ويئي هئي. ڏيئي ۾ لاٽ روشن ٿي چمڪي پيئي. گهوڙا گهوڙا هيڏو پرام! منهنجي انگ انگ مان سيسرات اُٻري ويو. دل چاهيو ته سڀني جي سامهون ٿي هڻن ڪاري ڪرشن کي دل وانگر وڪوڙجي وڃان.

اندر ۾ واڌي ڪل ڪل ڪندي منهنجي من جي روشني شامل الاجي ڪهڙو ڇهر جهنگ ٻڙڪي رهي هئي. ندي ڪناري وهندي پنهنجا پير پاڻيءَ ۾ لوڏائي لوڏائي چندا اُڇلي چئي رهي هئي. ”آخر ٻڌجي ويئينءَ نه ڪاري گهوٽ جي ڪنوار!“

(١٩٨٥)

# آڪبري جا آبلاڪي

ليلان اڄ هي نظارو ڏاڍو ڀلو وڻي.
ڪل دراٽي ليلان چيو، "ڪهڙو نظارو؟"
"اهڙي هـــي نظارو، جيڪو سامهون ويٺا ڏسون.
اهن ٻه لڳي اسان جو سچو سندونگر - اصل ٻيج
اي سنڌوءَ جي ڪنڌي ٻيٽن جي جهر مر جي هڪ انوکي
اسان ڀاڄي ڀلو آهي ۽ جڙ اها جهڳمڳ ڪندڙ ٻيٽي
اولاد جي شاهي سمنڊ ۾ ٻيٺي اري."
"واهه! ... لوڪي ته وچهه ملي ها ته شايد ڪوي
ڀاڄي ٻوڻ ها."
اداس ٿي ڏيون چيو، "مگر وڏاڻا ٻٽائي ڇڏيو
ٻه اري!"
"ٻه جاهي مون جيڪا ٻوني ۾ ڪلاسيڪل راڳ
سنڌ جي سکيا ورتي هئي، ان موجب راڳيو سنگر
يا ڪلاسيڪل اي ديس ۾ نالو نه ڪيان ها؟... ٻر لو ٻساري
اهڙو ڇادو وڏو جو شادي ڪري ٻوني مسان سنڌونگر
ڀاڄي واس. ٻوهه ته مان ته خوش آهيان."
"هاڻي ته ٻهڙي ٻڌهجي هوٽل ۾ ر ــــــــ
جي شاندار نوڪري ڏني اٿئي نه چا ته شان آهي
جهـــ ـــ اباڻا جو! مسز ليلان ڏيونداس. ر ــــــــ

ان ٿوري اسٽار هوٽل!' پوءِ پلا خوش ڪيئن ٿا هوندا؟"

"ٻه ٽن ڏينهن ۾ آهين 'ليلان پيدا'، جو مالڪ مسٽر ڏيوانداس مدگهمل! ٻر ڳالهه ته ٻڌ، تو موٽي جيڪب آباد ڇو ڇڏيو؟ مان ته جاڻي ٻجهي پوئي پر آهيان. جيڪب آباد مان ته رڳو مدهڇا مائٽ، سڌو مان لڏ پلاڻ ڪهل لڏي آيا هئا."

"خبر اٿيئي مدهڇا مائٽ وري ڪراچيءَ مان لڏي آيا هئا. امان چوندي آهي ته ڪراچيءَ جي ڪاٽي ڇوڪري ڪي ته جيڪب آباد مان سهٽي پانهن ملي سگهندي هئي."

"چوڻ ته ائين ٿو ڄڻ ڪراچيءَ وارا ڏاڍا وڏا ماڻهو هئا ۽ جيڪب آباد ۾ سهٽيون پانهون وراهيون رکيون هيون."

"تڏهن ڇا، ڪراچيءَ واري اڳيان جيڪب آبادي ته ٻهراڙيءَ جا هئا. اسين شهري ليکبا هئاسين."

اکيون ڇڪي ليلان چيو، "هاڻي ته پاڻ مان پيٽي شهري لڳان ۽ تون پيو ٻهراڙيءَ جو لڳين..."

"ها ڀائي، تون جو هاڻي ڳل ڳاڙها ڪري لب لال ڪري، پڻ پائوڊر لڳائي ٿي گهمين ته ذات ڪاٿي بدلي هوندءِ؟"

"اون هون، ڇڏ هاڻي اهي ٽوڪون. نظاري جي ڳالهه ڪر. هاڻي موٽي ته هي نظارو ڏاڍو وڻندو آهي. تڏهن ته لهائي ڪٽندي آهيانءِ هر ڇنڇر لي ته هلي مٺي اُڪريءَ لي وهون."

”بس اسان کي به نه وڻن، پاپڙن ۽ کٽاڻين جي بانس کان ذرا مڪتي ملندي آهي هتي اچي.“

”هيترين سيٺن آهن گهر ۾، پوءِ ڇو نه لڳائيندو آهين؟ نه گهر ۾ به بانس کان مڪت رهي سگهين، نه دڪان ۾ ئي.“

”اهو نه جڏهن ٻهراڻ رستو ليو هو توسان، انهن شوق لڳو هو. هاڻي نه اهو فضول خرچ لڳندو آهي.“

”فضول خرچ؟ ...... مان نه انهن شين تي پئسو نه ڪين خرچيان. هوٽل ۾ ولائت وارين سمنڊپارين اچي پنهنجي ڏينهن جي پرٽائيز لاءِ رهن. انهن کي جو منهنجي دڪان جا سامان - مصالحا، کٽاڻيون، پاپڙ وڙيون، ڪچريون وچي ٻهچاريان نه ساهيڙيون پٺجي پونديون آهن. هي سڀ انهن جون ڏنل سوکڙيون آهن. فضول خرچ مان نه ڪا نه ڪندي آهيان.“

ڏيون پاڻهن ورائي چيو، ”ها پائي تون نه آهين منهنجي سگهڙ ڪنوار.“

ليلان چيو، ”۽ جيڪو ٽيپ رڪارڊر - ريڊيو ۽ ڊيڪ وٺي آئي آهيان، اهو به هڪ پئسينجر بلڪل خريدي اگهه ۾ ئي ڏنو هو. ڪگن پٽ جو لڪڙي هٽي خراب ڪري ڇڏيو نه ٿهراڻي ئي خريديءَ کان وڌيڪ پئجي ويئي ...“

”خبر آهي،“ ڏيون چيو، ”ڪگن پنڙي سمجهو،

تون ٻيپ سان گڏگاڏي ڪيس ٻنهڻجي ٻيار ڪان وانجهي رهي آهين، سو ان کي اڪيڙي هٽي، سمجهيائين، نه هرندو ٻانس نه وڃندي ٻسري."

اباسي ڏيئي، ٻانهون مٿي جي ٻنيان ورانسي ليلان چيو، "ڪاش! هتي اهڙو راج هجي جو هر ڪنهن کي ٻنهڻجي گهر جي وڃهو ٿي نوڪري ملي وڃي ته ٻار ويچارا مائٽن جي مدهن ڏسڻ کان نه نه سگهن."

"ٻس هاڻي اچي ٻهتا آهيون. دڪان هاڻي چگو سٺو ٻيو هلي، سال اڌ ۾ لوڪان نوڪري ڇڏائبي. گلڙو ويچارو ڪيئن اچي لوکي ڇڏڙندو آهي. راند جو ڪڏهن ڏير سان موٽندي آهين ته ليسين وٺو اجهڙڪيون کائيندو آهي، ندب اعال نه ڪندو."

"ٻس اتفاق سان فاسٽ گاڏي گسي وئي ته مصيبت. خير سياڻي ته موڪل آهي گگن کي امان وٽان وٺي ايندا سين. سڄو ڏينهن گهمائيندي سانس. سياڻي هڪ ولائت واري سنڌياڻي، ٻت سان گڏ گهر ۾ اچڻي آهي."

"ڇو؟"

"سنڌو نگر گهمڻ لاء."

"ڇڏ چرچا"

ليلان جنڻ ڪنهن خوش-خواب ۾ مڻو ٿيندي چيو، "گالهه چاهي ته موٽان جو سنڌ جون سڀ شيون سڪل سهانجهڙو، پتاشا، ٻوراني وغيره ه-

گهرايائون ته پڇيائون: سنڌونگر سنڌ جي ڪهڙي شهر وانگر ٿو لڳي. مون ڀلا سنڌ ڏٺي هجي ته ڪجهه چوان، سو ڏٺڪار پيو مان هڪڙو خواب."

"ڪهڙو؟"

چيومان "هڪ ڀيري سرڳ پري جو راجا اندر، پنهنجن گندرون ۽ اپسرائن تي اچي ناراض ٿيو. کين سرڳ مان نيڪالي ڏيئي ڇڏيائين. ڏسو ڪهڙا ٿا برا حال ٿين ٿا هنن جا. هنن به سيڻو ناٽي چيو: راجا اندر اسان کي، ڪنهن به ڪنهن شهر ۾ موڪلي ڇڏ، ڏس اسين اُن کي سرڳ پوري بڻائي ٿا ڇڏيون يا نه. اندر راجا به نڪا ڪئي هم نڪا تم، کين سنڌو روانو ڪيائين ڪليان ڪئمپ ۾. جتي هئا کڏون کوپا، واٽ تي پٽي نڪا لئمپ ۽ ڪاري پوت وارا ڪدا جانور پئي ڦريا ڇوڙاري. رهڻ لاءِ پٿرڪون نهيل هٽن، جهڙيون گهوڙن جون ڪڙهيون ... پر هنن ڏينهن رات محنت ڪري ملڪ اهڙو ملوڪ بڻائي ڇڏيو آهي جو ڏسي اکيون ڇرخ ٿي وڃن. اصل سرڳ پري آهي اسان جو سنڌونگر. پنهنجي ماءُ پٽن چيو ته اسان کي ضرور ڏسڻو آهي اهو سنڌونگر..."

ڏيون ڪاڪ لڳو، "پنج ڇريا چي: مسمس گڏيا اٿيئي. سو سڀاڻي هو ايندا هي سرڳ پوري ڏسڻ!"

"ڪمال ڪئي آهي تو به ليلان! هڪ ته ولائت وارا هتي جي بسن رڪشائن جا نڪا ڏوما ۽ گهاگهه،

سهي ڪوءِ سگهندا، پيو ٻُڌندا ڏِنگا ڦڏا رستا ۽ گندگي!“

”جو پلا تون انهن جو تو چوين. سندو نگر ته هڪ ڪيميا نگر آهي. گهر گهر ۾ زالون مرد ڪو نه ڪو ڪم وڙندا ڪن. ڪيڏا هنر ٿا هلن هتي. سستا به ته سٺا به! ڪي ته سڏيندا ٿي آهن ننڍڙو جپان!!“

ڏيون مات ٿي ويو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ٻئي ڏيکريءَ کان هيٺ آيا آس پاس جون جايون هاڻي بلڪل خاموش ڪڙيون هيون.

ٻئي ڏينهن صبح صبح جو سنان پاڻي ڪري ڏيون چيو، ”مونکي ٿوري اوڏر اڳاڙي آهي، ڪلاڪ ٻن ۾ موٽي ايندس. تيستائين تون گگن کي به امان وٽان وٺي اچج ۽ مهمانن لاءِ به ڪجهه ناهي وٺج. مان اچان ته پوءِ مهمانن کي سير و چونڪ، ٿهرو چونڪ جهوليلعل مندر ڏيکاري ساڌو واسواڻي پارڪ مان گهمائي، ارلا مندر وٽي هلنداسين.“

مهمان آيا ته گهر ۾ ڏاڍي رهڻ چهل لڳي وئي. گلابي ڳلن واري سهڻي گگن کي ليلان نيوي بلو ڊريس ڪٽي پائي هئي. ٽنهن جو هٿ جوڙي شيام ماءُ کي چيو، ”امي، جئه سنڌي“ ته شيام ماءُ اصل ٺري پيئي. ڪيترا چاڪليٽ ۽ راندڪا ڪيڏي ڏنائينس. چوڪرا بلوڊ ۾ اچي ويو. چابيءَ وارا راندڪا هلائي ڏاڍو ٻئي خوش ٿيو.

شيام ماءُ، ليلان کي ٻه هڪ ساڙهي سوکڙيءَ طور ڏني ۽ چيائينس: هاڻي تون پاڻي هلج اسان سان گهمڻ. ليلان سوکڙي نه پئي ورتي ته شيام ماءُ ڳراٽڙي پائي چيائينس، "ڌيءَ ڏاڍو چڱو ڪيئه جو هتي اچڻ جي نيت ڌاريئه. مونکي ته هن شهر جي هر ٽڪري ۾ سنڌ پئي ڏسڻ ۾ اچي. آءٌ و رڪشي واري کي چئي سڄو شهر گهمائيندو هلان. هو ته اسان وانگر سنڌي - ڄاڻو هو، سو سڄي بزار جي ٻنهي پاسن جا دڪان، ڪارخانا، اسڪول، سئنيمائون ڏيکاريندو آيو، ماڻهو پاڙو ڏي ته پيو وٺي. چوي پيو: ڀيا ولائت وارا سنڌي ته ورلي ايندا آهن هتي. توهين آيا، اسان جو سنڌونگر ڏٺو، اسان جون اکيون ٺريون ٿيون. ليلان! اها اٿيئي سنڌ واري سڪ. ولائتين ۾ نه اها ڏسڻ ۾ ئي ڪين اچي."

ليلان چيو، "دل ۾ نه کڄو امي، ولائتن ۾ و سنڌڙ سنڌين کي سنڌونگر ۾ رهيل ماڻهن سان ملڻو هوندو آهي ته ٻه ٻاڻ هتي ڪين ايندا. ماڻهن کي چوندا ٻمبئي جي فلاڻي هوٽل ۾ اچي ملو. وري انهن کي ڪپڙا اهڙا سوکڙي ڪري ڏيندا جو هتي ٻاء ته ماڻهو چڻ ڪارٽون پيو لڳي."

ڪڙ ۾ شيام پڇيو، "ائين ڇو؟"

"نگر جا روڊ رستا گهمندا آيا آهيو ته انهن جي حالت ڏسي چڪا آهيو. فقط ڪپڙا پائي

ماڻهو سادن سودن ماڻهن جي وچ ۾ ٻار کي مونجهل مونجهل نه محسوس ڪندو؟"

ڪجهه سوچيندي شيام چيو، "ٻاهريان ملڪ ڏسي، وري هتي جي حالت ڏسي ڏاڍو عجب پيو لڳي. هونءَ سنڌي ماڻهو آهن نه ڏاڍا مٺا. نگر کي صاف سٿرو ۽ سهڻو ڪو ٺاهڻ ۾ جيڪر گهڻو عرصو ڪين لڳي. ڪو هڪڙو چاهه وٺي نه ... "

ليلان ڪلي چيو، "مگر ڇا ڪجي، هتي اڃا اهڙو جادوگر پيدا ئي ناهي."

"منهنجي دل اٿي مڃي. ولائت ۾ رهندڙ سنڌي نه ڏاڍو سنڌ کي ياد ڪندا آهن ۽ آهن به ڏاڍا ساوا پياوا. هتي ڪيٽن نه ايندا هوندا!"

"پانئو! ڪن گهڙي ڪو پرديسي پکي اچي وڻ تي ويهندو نه ڇا باغ ئي واسجي پوندو؟"

"ڇو نه پرديسين کي. ڪي ديسي پکي به اهڙا ڪونهن جن کي باغ سنوارڻ جو ڪو ويچار ايندو هجي."

"ويچار نه گهڻيئي پيش ڪندا آهن، پر سڌارا ڪندڙ پکين جا پيا پکي ڪنب پٽڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهن. وري بشڪر اها سنڌي خون جي محبت آهي، جو جهڙو نگر کين رهڻ لاءِ مليو هو، ان کان صد بار بهتر ناهي ڇڏيو اٿن."

شيام چيو، ”مان تہ سمجهان ٿو هن نگر کي اهڙو روپ ڏئي سگهجي ٿو جو هڪ نئين سنڌ ٺهي پوي. پوءِ سڄيءَ دنيا مان سنڌي اچي نئينءَ سنڌ جو ديدار ڪري وڃن.“

ان مهل ڏيون بہ اچي پهتو. واقفيت ۽ خوش اخلاص ٿي تہ ڏيون پڇيو، ”توهان نئين سنڌ جي ديدار بابت ڇا پيا چئو.“

جواب ليلان ڏنو، چيائين، ”هي ڀاءُ شيام چون ٿا تہ سنڌونگر کي اهڙو روپ ڏجي جو سنڌونگر هڪ نئين سنڌ ٺهي پوي ۽ سڄيءَ دنيا مان سنڌي اچن هتي نئين سنڌ جو درشن ڪرڻ. پر مان ٿي چوان اگر اڏامندڙ پکي سکئيون سڌون ڪندا باغ کي جلوه بخشڻ چون، تہ باغ سرسبز ٿي سگهندو ڇا؟ ...“

”نہ نہ ڀيڻ! مان چوان ٿو بلڪل ٿي گذريا سال انهي، سوال تي سوچڻ گهرجي. آخر اسان سنڌين پرديس ۾ لک ڪروڙ ڪمائڻ کان پوءِ بہ سنڌونگر کي نہ اڏيو تہ اهو اهڙو آهي جهڙو ڪوئي پنهنجو آکيرو ڦٽل رکي، ولي دنيا جا سرسبز باغ آباد ڪندو.“

ڏيون اچرج ڀريءَ نگاهہ سان شيام طرف ڏسڻ لڳو. شيام ماٺ چيو، ”منهنجي شيام کي گهڻن ڏينهن کان ٿي اهو ويچار آهي تہ سنڌين کي وقت بہ وقت ڌارين ملڪن ۾ لوڏ پيئي پوي. ان ڪري ڪين ڪو نہ

کو پنهنجو آکيرو هندستان ۾ هجڻ تمام ضروري آهي ... "

" ۽ هي توهان جو سنڌونگر ڏسي مان سمجهان ٿو اگر ڀارت ۾ کو آکيرو اڏڻو آهي ته اهو سنڌونگر ئي ٿي سگهي ٿو." شيام ماءُ ڳالهه کي جاري رکندي چيو، "هيڏا ڪلاڪ جو هندستان رڪشا ۾ هلي نگر گهمندي آئي آهيان ته ڏسي اکيون ٿي چرخ ٿي ويئون اٿم، دڪاندار به سنڌي ته خريدار به سنڌي پيو ڳالهائي، بورڊن تي به سنڌي اکر، ماڻهن جي هٿن ۾ به سنڌي اخبارون!! ... ڪٿي شايد شادي هئي، ته لاڏا به اهي سنڌ وارا پئي ڳائون، 'رک صندليءَ تي پير منهنجا مور لاڏا ...' مان ته ائين پئي سمجهان ڄڻ سالن کان پوءِ وري سنڌ ۾ اچي وئي آهيان."

خوشيءَ مان ليلان چيو، "تڏهن اسان کي به هاڻي خبر پئجي وئي ته سنڌ ڪهڙي هئي."

شيام ماءُ ڏاڍي اُداسائي سان چيو "هيل تائين اسين سنڌ ۾ رهيل هجون ها ته اسان جا سنڌ ورڪي سنڌ کي به نئون روپ ڏئي ڇڏين ها. تون ڏسين ها ته هيرآباد، ڪهڙي ناهي هئاڻون! جهمڪي ڇوندا ٿي پئرس هئا. قلعي جون ڇاڙون ڏسين ها ... "

" مگر امي سنڌونگر لاءِ جيڪا اِندر راجا جسي آڪاڻي ٻڌائي ماڻو اها سچي نئي لڳي؟"

ڏيون کلڻ لڳو.

"کلو ٿا!" ليلا چيو، "توهين ٿــي ٻڌايو ماڻهو جيڪا هن نگر جي اڳ واري حالت بيان ڪندا آهن اهڙي آهي هاڻي؟ ... هون! رڳو کلو پيا."

شيام چيو، "نه بابا! جتي اِندرپوريءَ جا گندرو ۽ اپسرائون رهـن، سو لوڪ ڪيئن نـه سرڳ پوري بڻجي ويندو......"

سڀئي خوب ٽهڪ ڏئي کليا.

تورو گنڀير ٿيندي شيام چيو، "مـان به بزنيس جي ڪري گهڻا ملڪ گهمندو رهندو آهيان پر سنڌين جهڙا محنتي ۽ مائيڙا ماڻهو ڪي مشڪل ڏٺا اٿم."

ڏيون چيو، "سائين اسين سنڌي محنتي ماڻهو آهيون اها ڳالهه ته هن نگر جــي حالت ڏسي مڃي سگهجي ٿي پر مائيڙا ڪيئن آهيون؟"

"مائيڙا ان لحاظ کان ٿو چوان جو پارٽيشن جــي آزاديءَ مٿان اسان جي جنم ڀومي سنڌ گهوري ڪڍي ڇڏي ڪيائون ته اف به نه ڪئي سين. بس مانت ميٽ ۾ پنهنجو آکيرو اجاڙي هليا آياسين."

هڪ ڏک ڀريو احساس شيام ماءُ جـي تن من کي وڍي ويو. حسرت ڀري نگاهه کڻي پري ڪٿي ماضيءَ ۾ ڏسڻ لڳي.

ڏاڍي ڏکاري لهجي ۾ ڏيـون چيو، "هائو برابر مائيڙا آهيون نه ته هيڏيءَ محنت سان سنڌڙيءَ جون

سڪون لاهيندڙ آکيرو جيڪو اڏيو اٿئون ان جو تالو سنڌونگر هجي سا ڳالهه، پر سرڪار کسان نه مڃائي سگهون ها؟...

دور کان ايندڙ هڪ ماٺ وارو منڊل ۾ ڦهلجي ويئي.

واند ڦٽي ڪري ڳگهن اچي ٽڪڙن هٿن سان ٻيءَ جي ٻانهن پڪڙي "هلو نه ٻلا گهمڻ."

ڏيون ڪي لڳو ٻار جي آواز ۾ سڏڪو هو، ڪيس ڪٽي ڪري ڇاتيءَ سان لاتائين.

(١٩٨٥)

# ڪنوار پيءُ

ائين ته پاربتيءَ کي به ڪا گهڻي خوشي ڪانه ٿي هئي. پر وري به هن کي چيائين، "الاجي ڇو مونکي ڏيوچند جي ڳالهه تي وشواس نٿو اچي..."

شنڪرداس ڪجهه کجي چيو، "تون به ڪا چريي آهين، جيڪا ڳالهه، ڇهن مائٽن جي منهن تي چٽي اٿس، انکان ڪيئن ڦري سگهندو؟"

پوءِ به پاربتيءَ جي من جي هڏ پڌ نه لٿي. چيائين، "ڏيوچند، نندنيءَ جي پاڻهن گهري، اٿو نه مان سمجهي ويس، پر ڏيوچند ايڏيءَ وڏيءَ دل وارو هوندو جو ڏيتي ليتيءَ تان خود ٿي هٿ ڪڍي ڇڏي ان ڳالهه تي مونکي اعتبار نه ٿو اچي."

"اڙي بابا اڄ جو رستو ئي ناهي نه. ننڍي هوندي کان ياري آهي اسانجي. سندس جي ساڳئي ڳوٺ ۾ پليا نپيا آهيون. اڄ ڪٿي هو اسان کان مٿڀرو آهي، پر ڪڏهن به اسان کان پاڻ ڪجهه هيٺ ٿي هو، سڀ وقت جي بلهاري آهي."

پاربتيءَ کي پوءِ به دل نه پتايو. چوڻ لڳي، "ٻڌهن ته ديس جو ورهاڱو اڃا ڪونه ٿيو هو جو هڪ ئي ڏري هئي جتي ڌاريسا به پنهنجا هئا. هتي ته

پنهنجا ٻه ڌارين وانگر ٿيا هُئا، سو ڪنهن کي ٻيون
پراڻيون ڳالهيون ياد پون ..."

شنڪرداس ڏاڍيءَ تحمل سان چيو، "بابا مون ته
ڪونه چيو مانس ته منهنجي ڌيءَ وٽ. سيٺ ڦيمتراءِ
جي ڪمپنيءَ جي آفيس ۾ وڃڻا هئاسين. ڏيهاڙي ٻه
ڪلهه، ٽي مال وٺڻ لاءِ جهوپڙ مان آيو هو. ان مهل
منهنجي نندڙي اوچتو اچي نڪتي. چي: ڪاليج جي
بلڊنگ فنڊ لاءِ چندو کپي. ڏيهاڙي نندڙيءَ کي ڏسي
وائڙو ٿي ويو. چيائين، "هيڏڙي ڳڏي ڪيئن هيڏي
وڏي ٿي وئي!" "اِن ڪڍندي ئي ٥٠٠ رپين جو
چيڪ ڪڍي ڪٽي نندڙيءَ کي ڏنائين ..."

پاربتيءَ جون اکيون ڦاٽي ويئون. چيائين، "اصل
ايڏو شاهوڪار ٿي ويو آهي؟"،

شنڪرداس اُداس ٿي ويو، "اِس قسمت جو کيل
آهي. سنڌ جي ٻين جو ڪليم ملي ويس. اسان ته
سنڌ ۾ ئي پنهنجون ٻيون وڪٽي ڇڏيون هيون.
هو هندستان ۾ ٻه ڀاڳ ڪونه پيا هو. هو رهواليءَ ۾ گهر،
ڪمپنيءَ ۾ روزگار، گهاٽي جي ٻيل وانگر ٻڻي
چيو ٽڻ هلي ..."

پاربتيءَ چيو، "ته ٻيلا شادي ڪڏهن ٿا ڪرن؟"

"صرف پندرهن ڏينهن جي مهلت ڏني اٿن."

پاربتيءَ لڪ ۾ پڇيو، "ڇوڪرو ڏٺو اٿوَ؟"

شنڪرداس جو منهن ٻهڪي پيو. چيائين،

"نوڪري لڳي ته مان مٺو آهيان. هيرو آهي اصل سچو هيرو. نه ته ٻلا شاهوڪار سان ڪو هٿ اٽڪائڻ آهي ڇا! جڏهن ڏٺين جي ماناري ۾ هٿ وجهڻ آهي. اڳائي سان ڇوڪرو ته ڪو ٻئي سان ڳنڍ آيو هو. ٻڌس مونسان سچائيپ ڪرايس ته ٻڪدم اچي ٻيري ٿيو. ٻڍهيل ڳڙهيل اي. اي. ٻاس آهي. ٻڌس وانگر مٽر ڪ لڳي ڪاهون ڪندي هلڇي ڪوٺ ٻيو آهي."

پارٽيءَ مصريءَ منديءَ جي تياري ڪئي. ڏيپچند سچو به وٺڻ کان انڪار ڪيو. شنڪرداس به سيٺي مهمانن جو ڏاڍي وڏيءَ دل سان آدرڀاءُ ڪيو.

نندني ته پيروزي ساڙهيءَ ۾ اپسرا ٿي لڳي، ٿوليني گهر جا ٻار ته ڪيس چنبڙي ويا، خوب ٺٺي ٺٺوليون ٻوليون ڪيائون، "ٻاڻ اڄ ته ڪنوار کي گهر وٺي هلو." نندنيءَ جي پيار ڀري وهنوار سڀني کي موهي رکيو. واٽو مندل ۾ خوشي ئي خوشي ڇانيل هئي.

مگڻي کان پوءِ وهانءَ جو ڏينهن به جلد ئي اچي پهتو. ڏيپچند جو ڏيور مان سچو گهر جو هلت وٺي اچي آڙاولي ۾ پهتو. مٽ مائٽ، يار دوست، چالال سڃالل ٻيا به ڪيئي ماڻهو اچي سهڙيا. نندنيءَ جو ڀاءُ ٻين مهمانن جو آدرستڪار ڪرڻ ۾ ڪٿو نٿي ڀڄو. انهن ته عمر ۾ نندنيءَ کان فقط ٻه سال وڏو هو پر قد سڌو ڪيو هٿائين. شاديءَ لاءِ آيل ڪيترائن

ڇوڪرن جون مائر ته ڪيس پنهنجو ناني تصور ڪري خوش ٿي ٿيون. ڪن ته پاربتيءَ کان ڪن به ڪيو هو، چي: لوڪن جو نندڻيءَ کي ڏيتي ليتي ڪانه ڏيڻي پيئي آهي ته پٽ جي ڏيتي ليتي به ڪانه وٺندين.

"نندڻيءَ جهڙي سگهڙ ڪنوار ملندم، ته برابر ڏيتي ليتي اصل ڪانه وٺندس."

پاربتيءَ جي هن جواب گهڻن جي دلين ۾ اميدون جاڳائي ڇڏيون. باقي پين ۽ دوستن سان گڏجي جو ناچ ٽاپ ڪيا ته محفل جو مور اٿي پيو.

هيڏانهن ڏيوچند کي پرڪائڻ وارن جي قطار لڳي ويئي هئي. ڪنهن ماتيباڻيءَ چيس، "ڏيا! ڇوڪري ڪا حور پري ته ڪانه ورتي اٿئي، پوءِ به ڏيتي ليتيءَ تان هٿ ڪڍي ڇڏيئه!" ڪنهن دوست طعنو هنيس، "پاڻي ڏيوچند، تو ته دوستن دلن جي ڪارن موڙن جو قافلو ڪڍي ڪيو آهي، ڪنوارين جو ته ڪو ٽانگو رڪشا به ڪونه ٿو نظر اچي!"

ڏيوچند چيو، "اسوهڻي ڪڇ ته ويا ڇڏو پر شڪر اُڀ اٺياسي وارو ماڻهو آهي، نڪ ڪي مر ڪونه لائيندو."

دوستن چيو، "تون ڀلي وڏو دوست جو پاسو ڪر، پر اسان جي اڳيان اڄ ڪارا پٽڙا ٿي چڪا. هيڏي وڏي ماڻهوءَ سان سڱ جوڙي ڪا وسڪي پسڪي

۱ نوابي هال، کين اس! سڄڻ ڏني سچي پانهن تـ
… آئي پانهن تي ڳجهي ويو. واهه پائي ڏنو سين تنهنجو
…ار شنڪرداس!"

…هن ڳالهين سبب ڏيوچند جو من الڏڻ لڳو.
…هارار هواريء وانگر ٿي لڳو هاڻي هو. ننڍڙيء کي
…ون دفعو ڏسڻ مهل جا چمڪ سندس اکين ۾ آئي
…سا جهڪي ٿي وئس مگر پٽس جو چاهه تمام
…ٿي ويو. مٺين نهرائڻ مهل ۾ پت خاص السا هه
…ارهو، تـ ڏيوچند کجي چيس، "ملندي کاري
…ڏي ۾ کان ۽ تون صاحبزادا وچين تو خرچ وڌائيندو"

ٻڌهيل پت ليز هنيو، "جڏهن چوکر ڪـي قدرت
…وانهن جا مٺيا پائي چڏيا آهن تنهن لاء تـ واقعي
…ن مٺين جـو ڪوهه ضرور ڪرنهي؛ ٻاي ڪجهه ۾
… اڻهرايو."

ڏيوچند ڪنجي ويو ۽ کلي چيائين، "اهڙي
…ناهوڪي تنهن ڳولهي ۾ تـ مون ٿي آهي تـ ...!"
مٺين جي چوانڊ سچي، ڏيوچند جي زال ڪسي
…رائي ٿيئي.

شادي هال ۾ شنڪرداس ۽ سندس پت ٻين جاج
…ي آءِ پاءِ ڪرڻ ۾ وسان کين گهٽايو. پـر گهوٽيتن
…ي ڪنهن خلق کي راضي ڪرڻ ٻين ۽ شنڪرداس
…ي وس کان ٻاهر ٿي لڳو.

گھوٽين جي رھائش جو پربنڌ، ھڪ چڱن پڪن ڪمرن واريءَ جاءِ ۾ ڪيو ويو ھو. صابڻ، ٽوال، ڪپڙا، اناج، ھر ڪا شيءِ ميسر ڪيل ھئي. مگر ڏيوچند وارن جو ويچار ھو ته ڪا ھوٽل پاڙي ۾ ئي ٺھري رکڻ کپندي ھئي شنڪرداس کي.

وڃڻيءَ کانپوءِ موڪلائيءَ وقت پاربتيءَ ڌيءَ کي ھڪ سوني ڳني ڏني، ناني صاحب ۽ گھوٽ پيءُ ۽ گھوٽ، ماءُ کي به ھڪ ڳني ڏيندي چيائين، ”ھيءُ اٿو مھندجو للسيءَ پٽ. ھيءَ ڏيتي ليتي نه آھي، ھيءَ فقط خرچي آھي. موٽائجو اصل ڪين.“

جڏھن وھانءَ جو ڪارج پورو ٿيو، تڏھن شنڪرداس ھڪ ٿڌو ساھه کڻي چيو، ”بس باقي ستاوارو سک سان پورو ٿئي ته سمجھو ابا ر گنگا - سنان ڪيوسين.“

پوءِ کان رھيو نه ٿيو چيائين، ”دادا، توھين ڇا به چئو، ڏيوچند وارا ڏاڍا لائق ماڻھو اٿو.“

پاربتيءَ چيو، ”پٽ! ماڻھو ته سڀڏس سارا ھن جا ٻڪ ڳا پرڻ. ڏسجي ويھي ڍھوڙن وڏن ماڻھن کي ڇوڪري ملڻ ڪا مشڪل ڳالھه نه ڪانه ھئي. مٿان لک ڪن جي ڏيتي ليتي به ملين ھا. سچ ته اسان کان ڌيءَ وٺي اسان تي احسان ڪيو اٿن.“

پوءِ چيو، مڇي لون ڪجھه به، ويڻي چڱن ھي ماڻھو نندائيءَ کي سکي ڪونه رکندا.

ڏکوئل آواز سان شنڪرداس چيو ”بس بابا جيڪو
ڀاڳن ۾ جو پاتم. ڇوڪريءَ جي شڪل سوڀيا ڏسي
بابا ڏسي بانهن گهرائين مهنجو ته ان ۾ ڪو ڏوهه
ناهي، پر هاڻي ٻروُن مونکي ته ٻوٽ لڳا آهن.“

پاربتيءَ رڙ ڪري چيو ”آخر توهان کي ٿيو ڇاهي؟
توهان ته وڏيون ڳالهيون ٿي ڪيون، چي: هيري جو
ٽڪر پرکيو آهي جواهريءَ ... پوءِ هاڻي ڇو ويٺا دل
ننڍي ڪريو. ڏسو ته مان ڪيئن من هڪو ڪري ويٺي
آهيان. ننڍيءَ ڪانسواءِ ته مونکي گهر کائڻ پيو اچي.“
روئندي روئندي پاربتيءَ جون اکيون ڀرجي آيون.

شنڪرداس دور ڪٿي نهاريندي چيو، ”لڳي
ٿو قسمت جي مختلف پـن پڇاڙين وانگر اڳيان وڌي
وڌي ٽڪر کائي اسانجون زندگيون جدا ٿي ويئون
آهن. لمڪا ڪٿي ٿو همت سان پياريان ڏيپچند کي
ٿو چوي ٿو: واهه يار پيارين ته آها لمڪا ٿو، قدر ته
اسانجو اهو ڪيو اٿئي؟ تنهنجي جڳهه تي ٻيو ڪير
هجي ها ته همت جوڙي جيڪر واپس هليو وڃان ها.“

”تڏهن هن کي شراب ڪيئن ڏنو هـو؟“ وڏيون
وڏيون اکيون ڦاڙي پاربتيءَ سوال ڪيو ”ڇو ڏيپچند
کي اسانجي حيثيت جي خبر ڪانهي ڇا ...؟“

ٻون چيو، ”هن وقت پاڻيءَ بدران شايد شراب
پيئندا هوندا.“

پاربتيءَ چيو، ”مگر اسين ته پنهنجي حيثيت سارو ئي هلنداسين نه. تڏهن هوندي به هال سينگارڻ لئي، آئيسڪريم لئي، فوٽن لئي ڪو گهٽ خرچ ته ڪونه ڪيو اٿئون. ڏسجي ويهي ته سندن شان رکڻ لاءِ پاڻ پنهنجي سوڙ کان وڌيڪ پير ڪي ڊگهيرايون اٿئون.“

شنڪرداس آڱرين تي ڪجهه حساب ڪتاب ڪري چيو، ”پاربتي انهيءَ ڪي چوندا آهن ته ڪٿو به ڪاڏو ڪک به نه پري. نالي ۾ ته پنا ڏيتيءَ ليتيءَ ڏيءَ پرٽائي اٿئون، پر خرچ ايڏو اچي ويو آهي جيڏو غريب گهر ۾ ڏيتي ليتيءَ ڏيڻ سان مس اچي ها. هاڻي سياڻي سناوڙي لئي به جي ڏيپچند پنهنجا سينيون ۽ گماشتا ڪٺي اچي پهتو ته هوٽل جي بل ۾ ئي مري ويندا سين ...“

پاربتيءَ چيو، ”ڇو ائين ٿيندو؟ اسين صبح جو ٿي چوائي موڪليندا سين ته توهان پنجويهه ماڻهو وٺي اچجو.“

شنڪرداس کي رٿ وڻي. اهو نيانو پهچائڻ جو ڪم پڻ لئي رکيو ويو ۽ پڻ جڏهن ڏيپچند کي اچي نيانو ڏنو تڏهن ڏيپچند اصل ڀڙڪي ويو. چيائين، ”اڙي او منهنجا سهڻا ڳڀرو سيٺوت! هيءَ ڪي وڃي ڇڏ ته مون تمام وڏي دل ڏکاري آهي. هاڻي تنهنجو وارو آهي. سناوڙي لئي مونسان گهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ ماڻهو ايندا ۽ چڱيءَ سٺيءَ هوٽل ۾ بندوبست رکجو.

ٻڙي مڱڻيءَ مهل حالت ڪيئن اهڙي نه ڪجو."
ٻڌڻ وارن اهي لفظ ٻڌي شمڪرداس جا نه ٽپ ڏئي
ڙي ويا. هڪ سؤ ماڻهو ڏيوچند جا اهڙا ويهه ڪن
ڀڄا ڪڍوارينا ۽ ڪرنيا. خرچ جو حساب ڪن هزارن
وڃي لڳو. آخر گهڙي ڳڻ ڳوٺ ڪري وري ٻڌڻ
رواڻو ڪيائين نه پلا ٻڌجاهه ماڻهو سٺاواڙي تي آڻڻ
مچائي اچ ڏيوچند کي.

هن ٻيري ٻڌڻ نديءَ ماميءَ کي ۽ ٻاڻ سان
ڏيو. ڏاڍي نمرتا سان اچي ڏيوچند کي چيائين ته
"دادا جن چون ٿا ته هن ٻيري ڪٽي ٻڌجاهه ڪن ماڻهن
ي گهرايو سٺاواڙي تي. باقي دوستن درن کي ڪٽي
ئي ڪنهن موقعي تي گهرائجو."

ڏيوچند خارن مان چيو، "سٺاواڙو، سٺاواڙي تي
يندو ۽ ٻئي ڪنهن موقعي تي ڪيئن ٿيندو؟ هيءَ ته
رهان جي زوراوري آهي."

ٻڌڻ چيو، "جيڪو ٿيابو موڪلي مليو سو ڏنم."

ڏيوچند جوءِ کي سڏ ڪري چيو، "هي ٻڌ، هن
ٿيابي واري جو ٿيابو."

زال ذرا ڏيوچ سان ٿر وڏيڪ چيندڙ آواز ۾ چيو،
"ٻت، توهان کي شايد خبر ڪانهي ته اسان کي
ٽيٽر و نقصان ٿيو آهي. مٿان مائٽن کي وهانءَ ڏيڻ،
ڻون ورهائڻ، هزارن ۾ خرچ اچي ويو آهي ..."

ٻڌڻ ڏاڍي اوچهائيءَ سان چيو، "ائين ته مڙهجي

شاديءَ ۾ ۽ اسانکي پنهنجي مٽن مائٽن کي ضرور گهران ئي ڪجهه ڏيڻو پوندو."

ڏيپچند آپي کان ٻاهر نڪري ويو، "تون سمجهين ٿو، تنهنجو ٻيءَ قرباني ڪندو؟ تنهنجي ساهرن کان ڏيتي ليتي ڪين وٺندو؟ اڙي واهه واهه ڪنوارپڻا! ڏيتي ليتي نه وٺڻ جي آدرش پالڻ لاءِ هيڏيءَ وڏيءَ دل جي درڪار آهي. مون ڪلاڪيءَ مهل هٽي ڇڏي گهين ۾ پتائي ڇڏيائين. نه گهوٽ جون پيءُ ياد آهس ۽ نه پيٽو ها."

پون ڳاڙهو ٿي ويو. ڪيس ياد اچي ويو ته انهن ڇڏي گهين ٿي ۽ گهر ۾ ڪيڏو نه مانڌاڻ متو هو ۽ پوءِ ۽ اهي هن پاڻيءَ ڪئي، آخر ۾ ڪين هيو. پاڻ ٿي ظاهرو رکڻ لاءِ چيائين، "امي، مونکي هڪڙو پاڻيءَ گلاس ڏيندا؟"

پاڻي پيئندي ڪنهن جوانڙيءَ جي پٽڪ ڪن ٿي پيس: "ڪنوار جي پاءُ جي شڪل نه ڏسو، شايد بلڊ پريشر چڙهي ويو اٿس گهين جو ٻڌي..."

پاڻي پي پون چيو، "ان کان بهتر هو ته توهين پول چول ڪري ڏيتي ليتي وٺو ها." مامي ماميءَ اچي پون کي ٻانهن کان وٺي اٿاريو. ڏيپچند ٻڙڪي چيو، "ڏاڍا بي شڪر نڪتا. تنگ جيڏي ڇوڪري ڪيڏي ڀڪ ڪئي آهي منهنجي مٿان ٿي! ساڳيو منهنجو پٽ ۽ وٺو آهي نه ساهورن، مجال جي

منهنجي منهن لئي هڪ حرف به ڪيئن سگهي. هن ڪلهه جي ڇوڪري ڪيڏي چپ ڪيئي آهي! مان ته هاڻي سمجهان ٿو ته پڙهڻ به اهڙي واسطي - وڪيل هوندي."

مامي ماميءَ پڻ جي واسطي ٿي ڪٺي هٿ رکيو. پوءِ ٻنهي هٿ جوڙي چيو، "چڱو دادا، تو هاڻکي جيترا به ماڻهو وٺي اچڻا هجن اوترا پاڻ وٺي اچجو."

نندڻي کنڌ هيٺ ڪيو، ٻنهجي سس جي پاسي ۾ وڃي ويٺي. ڏيوچند گرجندي حڪم ڪيو، "سناوٽي جي ماڻيءَ ۾ اسان مان ڪوئي ڪو نه ويندو. نندڻي اسر هيٺر توهان سان ڪانه هلندي شام جو گهوٽ سان گڏ اچي ڦيرو پائي ويندي."

مامي ماميءَ نٽ پٽن سان هٿي ڇڏيا پر ڏيوچند نه مڙيو. پڻ ور ور ڪري معافي گهري، پر قصو نه نبيرو.

مامو مامي پڻ سوڌا نندڻيءَ کي وٺي اچڻ لا موٽي آيا. پاربتيءَ جڏهن سڄو وارتالاپ ٻڌو ته هڪي ٻڪي ٿي وئي. شنڪرداس چيو، "ڏيتي ليتي نه وٺڻ جو مطلب اهو آهي ته ڪنوارپڻ ڪان پيٺو حساب چڪائجي..."

پاربتيءَ چيو، "مون ته اصل چيو ماڻو ته ماڻٽي هميشه پاڻ جهڙن ۾ ڪجي."

شنڪرداس جي ماڻٽن سان هڪڙي ٻئي چيو،

"اما هي سڀ ٻوءِ ٻاون ماڻهن جا ڪم آهن. جن وٽ
ڌرم مريادا جو ليڪو ئي ڪونهي."

ڪنهن چيو، "ساهرن، ڇوڪري ابا ڏيتيءَ ليتيءَ
ورتي، ته ٻاڻ ۽ ته ڪو ايڏا هيرا مڻيا ڪين پاتا اٿن
ڇوڪريءَ کي."

اوچتو راڌانوءَ اچي ڦٽاڪو ڇوڙيو ته، ڏيپچند
وارا مهمان سوڏا لشڪر ئي منجهند واريءَ ٽرين ۾
روانا ٿيڻ وارا آهن. ڏيپچند چيو آهي: "ٽي ڏينهن
جيڪو رڌو پڪو هئي ٿيو آهي، چاهي روڻ ؛
هندن ٻاسڻن جي مسواڙ ئي آهي، سو ٻل ئي وڃي
ڪندار ٻيءَ کان وٺجو."

شنڪرداس رڙ ڪري چيو ته، "ڇا چيائين؟"

راڌانوءَ چيو، "سائين ڏيپچند چوي ٿو: مون تمام
گهٽي ڪسر ڏني آئمان. ڏيتي ليتيءَ ۾ ڪاري ڪکڙي
ڪانه ورتي اٿم، جي هي ٽي ڏينهن منهنجي مهمانن
کي ڪارائڻ جو خرچ ٻرابندا ته ڪر ڪندار ٻيءَ جي
مٿان اپ ڪونه ڪري ٻوندو."

ٻون ٽنٽل آواز ۾ چيو، "ٻانڌي هيءَ ته ظلم چئبو."

شنڪرداس ڪڙهندي چيو، "اون ته مات ڪر،
سڄو قصو ئي ٻگاڙي آيو آهين."

"ٻانڌي مون؟ ٻانڌي مون؟؟" ٻون ايترو چئي
وٻيل وڻ وانگر ڌرام ڪري هيٺ ڪري پيو. چوگرد
ٽرٽلو مچي ويو. هڪ ٻـڍڙيءَ کيس هٿ لائي چيو،

”اَئي هيءَ نه وڃي مالڪ سان ملڻ، جوان رهڻ کي ايڏو ڪو ڇڏيو آهي ڇا!“

پاروتي پنهنجي هٿ ڪٽي ڇاتي پٽڻ لڳي. شنڪرداس ٻاڪرن جيان مٿو پٽڻ لڳو، ”اڙي مان نه ڦرجي ويس، هتيارن منهنجو پٽ ئي ماري وڌو.“

راڌائن هي اَشڀ سماچار ڏيپچند کي اچي ٻڌايو. ڏيپچند پٽ جي موت جو ٻڌي يڪدم پل ڪڍي ڏنو راڌائن کي. مهمانن ۽ گهوٽ ڪنوار کي اسٽيشن ڏي روانو ڪري ڇڏيو هئائين ۽ پاڻ به وڃي نروان ئي پهتو.

ڏيپچند پنهنجي پٽ ۽ نُنهن کي خبر به ڪانه ڏني ته پڻ ڪوهن سنسار مان لڏي ويو. شنڪرداس ۽ پاروتي، پٽ جو مرده سڙايو رکيو، ڪيڏي دير تائين نندڻيءَ جو انتظار ڪندا رهيا. جڏهن ماڻهن اچي ڳالهه ڪئي ته گهوٽيتا نندڻيءَ کي وٺي ڪڏهوڪو روانا ٿي ويا هئا، تڏهن ته شنڪرداس جا ڇيهه ئي ڇڄي پيا، ”اڙي ڏيپچند، گهوٽ ٿيءَ ٽيڻ جي اهڙي ٺڳي! اڙي اهڙو ٿي مروت ٽٽين جو ٻيڻ کي جوان پاڻ جو ملڪ نه ڏسڻ ڪونه سنگ، پر آخري درشن ڪرڻ به نه ڏنئس“ ڇاتي پٽي ٿي چوڻ لڳو، ”پاروتي، مان نه هاڻي سڄي عمر گهوٽ ٿيءَ ڪونه ٿي سگهندس، پر ڏيءَ جي منهن ڏسڻ ڪان به سگهيس ... اڙي ماري وڌءِ مونکي ڏيپچندا! ڪيڏي سزا ڏني اٿئي مونکي ڪنوار ٿيءَ ٽيڻ جي!“

(۱۹۸۵)

# مهانگي گڏي

گڏيءَ جهڙي ديوڪا کي گهوٽ گهٽوئي گهرندو هو، پر سس سهري سان سندس ٻڻت ڪانه هئي. هر ڪنهن کي چوندي ڦرندي هئي ته، ”منهنجو پائڻ لاهڻ ڏسي ته هيءَ پيءُ ۽ پيءَ اصل پچرون پيا.“ ويتر جو ديوڪا کي چئن سالن اندر اڪڙا ٻڪڙا ٽي ٻار ڄمي ويا، ته سس کي به ڪسرن ڪڍڻ جو وجهه ملي ويو. نتيجو اهو نڪتو جو گهر مان به گهر ٿي پيا.

ديوڪا هاڻي اڪيلي گهر ۾ فلڪ سان مڙس کي سڏي چوندي هئي، ”اي مسٽر! هاڻي خرچ وڌائي ڏيڻو پوندءِ. ٻارن کي نه ڪپڙو آهي نه گدي. منهنجا به اهي حال وڃي ٿيا آهن، جو پارٽي-پريءَ ۾ پائڻ لاءِ ڪا نئين ڊريس ڪانه اٿم.“

جمنداس سيٺيءَ ديوڪا وٽ ساڙهيون ته سدائين سٺيون ٿي ڏٺيون هيون، پر پاڻ کي چوندو هو، ’جڏهن مونکي سيٺي زال جو شوق آهي، تڏهن هنکي به سيٺڻ ڪپڙن پائڻ جو حرص آهي.‘ ويتر جو ديوڪا جي هر نئين ساڙهيءَ جو اگهه ۽ خريديءَ جو دڪان سندس

ساهيڙيون پيئون پڇنديون هيون، ته چمنداس کي به ڏاڍو فخر محسوس ٿيندو هو.

ديوڪا جي سس چٽ چماڻيءَ ٻنهي وٽ ايندي هئي. ٻنهي به چڱي منٺي چوڻ کان پاڻ روڪي نه سگهندي هئي. هڪ ڏينهن چلهه جو ڪوڙي ٽڪر کڻي چيائين، "هي آهن ڏيءُ ٻنهيجا حال! چئنا سلڪ جو ملهه ڇا ۽ لو ماڇيءَ جو فراڪ کڻي هيو آهي — چلهه ۾!"

ديوڪا پڇرندي فراڪ جي اُڊڙيل سرائيءَ وٽان ٻڌهي هٿن سان ڇڪي وڏيڪ اُڊڙي ڇيو، "مڻي! سراٻون ٿي سڙي ويئون آهن، اڇا پراڻو ڪيئن ٿيندو؟" سس ڇيو، "ٻر ڏيءُ! مڌهنجي به هيءَ ڳالهه ياد رکج ته جڏهن ڦاٽي ته سبي، سا ٻنهن ڏيءَ گهر ڪانه ڪندي."

ديوڪا مچرجي ويئي. چيائين، "سچو جڏهن ته وڃا ٻان ويٺي گهر ٻنيان. ماٺهو شهر کڇين، ولائتيون گهمن، مان ته رڳو گهر جي گهرٻٺري ٿيو ويٺي آهيان، ته به مون لي ٿي پيٺي پري ڇلين! پاٻان نه پاٻان اهي به ڪپڙا ٿي سنبڙا پاٻان، اهي به توهان کي اکين ۾ ڌا ٿين!"

سس به گهٽڻ ڏينهن کان اچي ٻي ڇلي هئي، سو رڙ ڪري چيائين، "ٻنهن جا ڪپڙا اکين ۾ ڪونه ٿيندا

آهن، پر تهر جڏهن اکيون پٽي هلنديون آهن، تڏهن سڀيون ٿي اکين ۾ ڪنڊا ٿي چڀنديون آهن. منهنجون نياڻيون نه اجا مدهن اگهاڙيون ٿــي ۽ نه ٽيون آهن ۽ تون پيئي اجايو اڏاءِ. ڇو، پاڻ جي ڪمائيءَ تي انهن جو حق ڪر نهي؟"

"مونکي ڪا ساهري ملڪيت ڪانه ملي هئــي ڏار ٽيڻ مهل! ...... هر ڪنهنجو کٽي پاڻ." هيءَ لفظ ديوڪا اهڙي نه لوڻ سان چيا، جو سسٽس اٿي کڙي ٿـي ۽ پير ۾ چمپل وجهي در کــان نڪرندي چيائين، "پلي ڏيءَ پاڻ تي مرڪ، شل اپيهه هجيئي."

چمنداس کي جڏهن هن جهگڙي جي خبر پيئي، تڏهــن سڌو پگو ماءُ وٽ، مــاءُ به جيڪي جيڪي ڳالهيون ديوڪا بابت ٻڌيون هيون، سي کولي کڻي پيش ڪيائين، نــه ڪيئن چمنداس جي غير حاضريءَ ۾ جوڻا جي، چونڪڙي گهر ۾ لڳندي آهي، ڪيئن ٻار نوڪرن جي حوالي ڦٽا ڪري ديوڪا هر نئين ٻڪڙ جو، پهرئين شو ۾ نئين ساڙهيءَ سان سواگت ڪري ايندي آهــي. نــوڪــر ڪيتري اي نيــازيءَ ســان مالڪڻ سان پيش ايندو آهيءِ متان مالڪڻ هر ڪنهن آئي وئي کي چوندي رهندي آهي، نه ــ اهو نوڪر نه هجيم نه مــان جيڪر ڪٽي ٿـي مران. گهر جـو رڌو پڪو، ٻــار سنڀالڻ، سڀ ڪــان وڃارو مونکي ڇڏائي ويئو آهي.

جمناداس ٽي سيٺ ڄالهين جو اثر ٿيندو ڏسي
ماڻ هڪ ڀول ٿيو ته، کولي وڌو. چيائين، "ٻڌو اٿم
ڪيترا سمگلر روز ڀيا در تي ڏڪا کائيندس. ڪن جا
پيسا رکيو وڃي آهي ته ڪن ڪسي پاڻ پاڻ ڪري
ڪپڙا ڀيٽي ڇڏائي، پر ڦريندا آهي ته خوب اٿس.
ڪنهو ڪوڻ ڪو ڪپڙو سنڌس ڪلهن تي رکي وڃي
هر ڪائيندس. پاڻ ته چري ٿيو ٿوي، وڃي ساڙهيون ۽
ٿريسون خريد ڪندي. سڀي قرض ۾ ڏيٽي ٿيٽي
آهي ......"

سالن ڪان پوءِ جمناداس اکيون کوليون. گهر اچي
ڀهراڻ مٽين مندين جو حساب ورتائين. ڪيٽ جي
ٺهوڙيءَ ۾ ٻه چار ڪوڙا هار ۽ آٺ سونا چوڙا پيل
هئا. ڀهراڻ ته ديوڪا ڪوڙو ڀهانو ڏنو ته فلاڻي ساهڙي
نموني لاءِ مٽيا وٺي وئي آهي. پر خبر ٿان پيٽي جو
اٺيءَ چيو، "ديوڪا، هيرن جو هار ۽ منڊيون اسان
وٽ گروي رکي، وڏي وياج تي پيسا وٺي وئي
آهي." وياج مٿان وياج چڙهي ويو هو. ڪل رقم
مٽين جي ملهه کان ته مٿي ٿي چڪي هئي.

جمناداس اتان موٽيو ته پٽي همت ڪرڻ لي ڪٽي
هنيائين. ديوڪا کي ڳالهائڻ جي همت ئي نه پئي
ٿي. جمناداس ڪاڏي جي ڳالهي ڏکي ڇڏي، ته به
ديوڪا اکر نه ڪڇي سگهي، سڄي رات جمناداس
ٻنهنجي من ۾ پاڻ - گهڙ ڪندو رهيو. ننڊ ڪانه ٿس

موڪلائي ويئي هئي. تنهن ته ديوڪا کي به ڪين هئي، مگر تنهن ڏينهن کي چڱڙ ڏيندي ڪنهن وقت اک لڳي ٿي ويس. جمناداس ته بس، سوڻا ٿي نڪت ويٺو سگريٽن جلائڻ جو اکنڊ پاڻ پورو ڪري رهيو هو.

صبح ٿيندي جمناداس نوڪر کان پڇيو، "گهٽو پگهار رهيل آهي تنهنجو؟"

نوڪر چيو، "ڇهن مهينن جو."

ديوڪا پاڻي پيئڻ جو بهانو ڪري ٻاهر پير رکيو ته جمناداس رڙ ڪئي، "هن کـــي پگهار ڇو نه ڏنو اٿيئي؟"

ديوڪا اهڙو ڪجهه جهڙي پس.

"مان ٿو پڇان نوڪر کي پگهار ڇو نه ڏنو اٿيئي؟"

ديوڪا اندر جي وسام اندر ۾ دٻي چيو، "آخر توهان کي ٿي ڇا ويو آهي؟ نوڪر کو ڀاڄي ڪونه ٿو وڃي، پاڻيهي ڏيئي ڇڏيس."

"ڀاڄي ڪونه ٿو وڃي، پر مان پڇان ٿي تو ڪيانس- سمجهيئه؟" چئي جمناداس نوڪر طرف گهوُريندي چيو، "ڀاڳوُ! تون هيڏو ٿي تنهنجو پيتي بستر و گول ڪر. راتجو اچي رهيل سڀجو ٿي پگهار وٺي وڃ."

ديوڪا هيٺرو ڪجهه ٻڌڻ لـــي هرپل ٿي ڪانه هئي، گهر جي ساري ڪم جو سوچيندي ئي ڪيس پيٽ ۾ اچي وٽ پيا.

نوڪر کـي سامان ناهي اچـا بــ و يڻـل ڏسي،

جمناداس ٻٽ لئي اٿي ھٽي چيو، ”اَٻي نڪل ڄاڻو.“

نوڪر چپ چاپ گھر ڇڏي ھليو ويو.

ڪلاڪ ٻہ گھر ۾ ھڪدم ڇوڇاٽ رھي. ٻارن ڪڏھن ٻہ ڳالھہ نہ ڪئي ڪين ڪيو. ماٺ ميٺ ۾ اسڪول وڃڻ لاءِ تيار ٿيا. جمناداس خود بہ تيار ٿي بيٺو ھو. چيائين، ”مان تو ڇڏي اچان ٻارن کي اسڪول ۾!“

ٻارن کي اسڪول ۾ ڇڏي جمناداس جڏي آيو، پر گھر اندر گھڙنديئي در ٻند ڪري اچي زال کي ڪنن کان ٻڪڙي رنبيو ڪيائين، ”تون ڪھڙن کان ٻارن جون فيون ڪونہ ويٺو آھين اسڪول ۾! ڇو؟ ڇڙي، ڇڙي خرچ ٻص و رص ٻلا! زيور سڀ گروي، نوڪر جو ٻگھار ٻند، اسڪولن جون فيون گھر، آخر ڇا لاءِ ڪيو آھيئي ھي سڀ؟“

ديوڪا وٽ ڪوئي جواب ڪونہ ھو. جمناداس کي ڪجھہ ياد اچي ويو. ھڪدم ڪڍجي ڪٿي وڃي گادريج جو ڪٻٽ کوليائين. ھينگرس ۾ ٽنگيل ساڙھيون ڏٺائي آڌا سان لڏي رھيون ھيون. جمناداس ڪٻٽ جي ٽوڙيءَ کي ٽٽولي چيو، ”ھتان رولپا ڪيڏانھن ويا؟“

ھيءَ رڙ جا قيامت ڪٿي اچي ھئي، اُنجو اندازو لڳائي ديوڪا آھستي چيو، ”مون ڪونہ ڪيا آھن.“

”سچ ٻڌاءِ.“ جمناداس ديوڪا جو ھٿ پڪڙي

هٿ ۾ ورتي، زور ڏئي وري چوڻ لڳو، ”سچ ٻڌاءِ.“

ديوڪا هٿ جي نرم هڏن کي لوهه جي چمٽي ۾ ٿڙڪندو محسوس ڪيو. سندس اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا. سڏڪندي چيائين، ”... ها ... ها ... پر هينئر نه پڇ. مونکي ڇاتيءَ ۾ سور ٿو ٿئي ...“ چوندي ديوڪا هيٺ پٽ تي ويهي رهي.

جمنداس ٿڌو ساهه کڻي چيو، ”اٿ وڃي پلنگ تي سمهه.“ در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. جمنداس دروازو پنهنجي پٺيان ڀيڪوڙي ٻاهر نڪري آيو. ٻراجي بيٺو هو. ڏاڍي آرام سان چيائين، ”مائي گهر ۾ ڪانهي ڇا؟“

جمنداس چيو، ”آهي.“ پوءِ به ٻراجي وڃڻ لڳو.

جمنداس رڙ ڪري چيو، ”ٻڌه لالي.“

ٻراجي منهن ورائي بيهي رهيو.

جمنداس چيو، ”اسين ٻاهر ويٺا آهيون، ٻڌجو ڪيترو هل آهي، وٺي وڃ؟“

”سائين! حساب ڪتاب ته مان اڄ کڻي ڪونه آيو آهيان. هونئن ڪجهه ست اٺ سؤ روپيا ... پر اڄ مان ٽوپون ولائتي ساڙهيون کڻي آيو آهيان.“

جمنداس کيسي مان سگريٽ ڪڍي آنڪي لائيٽر سان دکايو، ”ساڙهي سڀ پئسا وٺي وڃ، ان کانپوءِ وري هن چمٽ اندر ڪڏهن به پير نه پائج.“

ٻراجي وائڙو ٿي جمنداس طرف ڏسڻ لڳو.

جمنداس سگريٽ جو دونهون هوا ۾ ڦهلائي چيو،
"جي قسم کڻندين، ته وري هن در تي نه ايندس، ته
پئسا ملندءِ. نه ته پئسن تان هٿ کڻي ڇڏ."

"ڇنو ته مان هيڏئر ئي گهران پئسن جي حساب
ڪتاب جي ڊائري کڻي اچان."

"سچائي اچج." حاڪماڻي انداز ۾ جمنداس
چيو. ڀڄاجي اٿيو پگو، جئن ڪاريءَ هيٺان ڪانءُ.

جمنداس ڪيترو وقت ٻاهر اچ وڃ ڪندو رهيو.
اوچتو ڀڳهجي چاچيءَ جي ٻيڙ کي ايندو ڏٺائين.
اکيون چوچون ڪري ٻڇيائين، "اچ ديال ماءُ ڪيئن
آئي آهي اسان وٽ؟"

"ڪنوار ويئي آهي نه اندر؟"

"ڪنوار مري وئي!"

"مري وئي؟ ڇولن چاڙو جمدا! ڪنوار ڇو مري،
مان نه لٽجي ويندس."

"ڪون چو لٽبينءَ؟" جمنداس جي نرڙ تي
گهنج هو.

"اڙي پٽ، ڇهه سؤ روپيا مونکان وياج تي وٺي
وئي آهي - هٿ اڌارا!" ديال ماءُ اپساهيءَ ۾
چئي ويئي.

"ڪڏهن؟"

"اڙي پٽ، اٺ مهنا ٿي ويا آهن. ٽي مهنا ٿي
ويا آهن ته وياج ٻه ڪوڙ پهچايو اٿائين. سو ٻه پئسا

منهنجا هجن ته چوان. هي نه ويچاريءَ ڪڪيءَ مشين هلائي، ڏاڍي ڪيئن وڃي ڪوڏي ڪوڏي ڪري ڪٺا ڪيا آهن." ديال ماءُ سڄ پچ روئڻ لڳي.

جمناداس سگريٽ پٽ تي اڇلي، پوءِ سان چئي چيو، "سپاٽي اڃا مونکان پيسا وٺي وڃ." ۽ ڪراهت وچان منهن ڦيري ڇڏيائين. ديال ماءُ هلي وئي. ڪمري مان ڏيهون ڏيهون سڏڪن جو آواز پئي ٻڌڻ ۾ آيو.

جمناداس ڪمري ۾ اچي در بند ڪري ليٽيو، "ديال ماءُ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن ڪان به قرض ورتو اٿيئي ڇا؟"

ديوڪا واٽ ۾ ڪپڙو ٿي ڌوئي، روئڻ جي آواز ڪئي، ٻاهر ديال ماءُ ٿائين وڃڻ ڪان روڪيو هو، سو هاڻي واٽ مان ڪپڙو ڪڍي اچي جمناداس جي پيرن تي پيئي.

"اهو ڪهڙو نئون مڪر آهي؟"

"مڪر ناهي. مونکان ڀل ٿي آهي. هيءَ پيرو معاف ڪريو."

"ڀلا، ڪري معافي ٿي گهرين؟ ...؟ ڳال آهين؟ ...تو ڇا ڇا ڪيو آهي! سپاٽي شيشو وڪڻي پورين تنهنجا قرض چڪائيندس. پوءِ توکي پيڪي روانو ڪندس. مار کو نه تو ڏيان ۽، ان کان وڌيڪ معافي ڇا ٿيندي؟"

ديوڪا پتيءَ جي ٽنگن کي چنبڙي پيئي. ٻاڏائي چيائين، "ڇئن ٻارن سوڌي مان ڪٿي وڃان رهندس؟ هي پيرو معاف ڪريو."

جمناداس روئڻ جهڙي مرڪ چپن تي آڻي چيو،
”ڪنهن کي معاف ڪريان؟ تو جهڙي نانگڻ کي؟ جنهن اندر اسان جي اندر منهنجي دولت لٽائي ڇڏي. هاڻي منهنجي عزت کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيئه!!“

گادي پيج جو ڪمرو اڇو ۽ کليو پيو هو. مٿين خاني ۾ لٽڪي رهيون هيون رنگ برنگي ساڙهيون. ڪٻٽ جي دروازن تي لٽڪي رهيا هئا اِلاهي پٽونئان. ٻن خانن ۾ ٻارن جي ڪپڙن جا ڍير لڳا پيا هئا. ۽ ڪٻٽ هيٺان پيا هئا ٻن کان مٿي نئين ڊزائين جا سئنڊل.

جمناداس پنهنجي ڇاتيءَ تي ڌڪ هڻي چيو،
”ڇو ورتئه ايترا ڪپڙا؟... جواب ڏي...“

ديوڪا وٽ ڪوئي جواب نه هو. هوءَ وڏيون سهڻيون اکيون مٿي ڪڻي فقط رحم لاءِ ٻاڏائي رهي هئي.

پنهنجي مٿي تي ڌڪ هڻي جمناداس چيو،
”پنهنجي سونهن جي شونق توکي ڏي نه، پر مونکي به برباد ڪري ڇڏيو“

ٻئي ڏينهن تي جمناداس پنهنجا شيئر وڪڻي آيو ۽ سيٺيءَ جا قرض چڪائڻ کانپوءِ ديوڪا کي وري به هڪوار ڪڙڪايائين، ”اڃا به ڪو قرض رهيل آهي؟“

ديوڪا گنهگار جيان ڊڄي - ڊڄي ناڪار ڪئي.
جمناداس روئي اڄ به نه ڪاڏي، فقط سگريٽ ڦوڪيندو

رهيو. ديوڪا وري - وري آئش ٽري صاف ڪري پٽي رکي.

ديوڪا جو نصيب اڇا ۽ صليب تي اٽڪيل هو. پار سب هڪ ڏينهن ۾ ٽي وڏا ٿي ويا هئا. تمام ٿورو ٿي ڳالهايائون، ٻاهر وڙهيا ۽ کين ٻي، ڪوڙن سان ڪيٽو ۽ کين ٿي ڪيائون، ماءُ جيڪو ڪم ٿي چيو - سو ٻڌا آنگل ڪرڻ جي يڪدم ڪري ٿـي آيا. رات جا ١٢ اچي ٿيا هئا. گهر ۾ قبرستان جهڙي مـاٺ لـڳي پيئي هئي. ديوڪا ننڍي ڪڪيءَ جي ٻر ۾ ليٽي ڪيس اندر ڪرائي ڇڏي هئي.

جمناداس دريءَ وٽ آرام ڪرسيءَ تي ويٺو - ويٺو پٽڪيمت جو آخرين سگريٽ ڇڪي رهيو هو. هڪوار منهن هن ٻاسي ڪري گهر تي ڇانيل مردنيءَ جو جائزو ورتائين، پـوءِ سگريٽ دريءَ کان اڇلي، اٿي بيٺو. هائوس - ڪوٽ جي بيلٽ ڪشي، همٿ پنيان ڪري اچي ديوڪا جي پلنگـ وٽ بيٺو. ديوڪا جي پٺي اکين وٽ اچا پـاڻيءَ جا ڦـڙا تازا هئا. اکين هيٺان ڪارانيل اڌ گول هئا، ساري مکڙي تان تازگي گـم هئي. نراڙيءَ ۾ چنتا ۽ پيڙا جون ريکائـون گهنج پٽجي بيٺيون هيون. جمناداس کي اڳيان بيٺل ڏسي ۽ چري ٻري ڪاٺ. کـن رکي آهستي چيائين، "سچ پچ مونکي گهر مان ڪڍي ڇڏيندا؟"

دک جي ماريل جمناداس، ڪ ٽڪ هن مهانگي ڪڍيءَ ڏانهن ڏسندو رهيو. ●

(١٩٨٣)

# سنڌوءَ جو روپ

"ڇا ٿيو آهي توکي دولت ماءُ؟" شامداس اخبار مان منهن هٽائي چيو.

"ڇا وري ڇا ٿيو اٿم؟ ڏٺي مٽي نه پيتي آهيان."

"پوءِ صبوح کان وٺي هيءَ ٿانئن جي ٺڪاٺوڪي، ٿانون کي ڇڙٻون ۽ مائيءَ تي وڙهڻ، ڀلا ڇا لاءِ وڙهي اٿيئي؟"

"جيئڻ ٿو اچيوَ ليڪن ڏاڍ ڳالهايو. اڄا ته پرائو رت گهر ۾ اچڻو آهي. توهين ٿي ائين ڳالهائيندا، ته پوءِ جا نڀهو ڇڻو وڃي گهڻو ايندي، سا ته نرگهٽ پٽيندم."

"کهڙي ڇوڪري پسند ڪري آئي آهين؟ مون سان ته ڳالهه به ڪانه ڪئي اٿيئي." شامداس ذرا تيز ٿي چيو.

"پسندي اسانجي ٿوري ٿي هلندي...؟" چوندي دولت ماءُ ديگڙو اهڙو ته زور سان چلهه تي رکيو جو ان ۾ پيل دال ڪجهه هارجي پيئي. هاڻي ته دولت ماءُ جي ڪاوڙ جو پارو وڌيڪ چڙهي ويو. ديگڙو چلهه تان لاهي هيٺ سٽي، اسٽوپ ٿي وسائي اچي پٽيءَ جي پاسي ۾ کٽ تي ويٺي. شامداس اخبار پاسيري رکي،

ٻيڙي دڪائي ڇڪڻ لڳو ۽ دولت ماءُ جي ڳالهه ٻه ڌيان
سان ٻڌندو رهيو. دولت ماءُ رني جي ڪنڌ سان، نرڙ
۽ ڳچيءَ تان پگهر اگهي، اکيون ڦوٽاري چيو، ”مان
جڻ ٻهڪجي ياڄائيءَ ڪي ڪاڻ سڄاڻان. دولت کي
اهڙي ٻوٽي پڙهائي اٿس، جو هاڻي ڇوري ٿــو،
پاڄام جي پاڻيڄي ڏسندو. ڇوڪري ڪاري ساڻوري،
ماڻسٽ ڪٽا ڪاڻا، هوڏانهن ساڌورام جـــي نياڻي ڏهن
هزارن سوڏي ٿي ملي، تنهن جو ڏس ٻه نٿو وٺيس.”

شامداس ٻيڙيءَ مان ڦوڪ پري ڪندي ڏوڻي چيو،
”ڳالهه ڌ ڳري آهي، ٻر جتي ڇوڪري جي دل ڇوي
اتي ڪٽي ڪجيس.”

”مان ٿي چوان، توهانــکي ٿي ڇا ويو آهي؟ ڪو
هڪڙو ٻت لــ ڪين آڻو؟ جي هڪڙي جي سڪٽي
ٻانهن ورتيـــين تــــ ٻين لاءِ ٻه ٿونيو ملندو؟ ڇوندي
دولت ماءُ رنو ناهي صندل تان اٿي ڪڙي ٿي.

شامداس زال کي رني کان ڇڪي وري وهڻ جو
اشارو ڏيئي چيو، ”تـپ ڌ، ڳالهه ڏي ڳالهه وڻ. ٻڌهن
هيل سوڌو ٻمبئيءَ جون آت ڇوڪريون ڌ ڏسي ڇڪو
آهي. پسند ڌ هڪ ٻه ڪاڻ آئي اٿس. ٻوءِ اٿين ڇو
ٿي سمجهين لـــ هيءَ ڪٽمپ جــي ڇوڪري پسند
ايندڻس! ٿي سگهي ٿو اها ٻه پسند ڌ اچيس.”

دولت مــاءُ هاڻي سامت جو ساه کنيو. رني سان
منهن اگهي چيائين، ”الاجي ڪهڙو قدرت جو چڪر

ڙندو. هميشه مان ٿي زور ڪري ڇوڪرن ڏيکاريندي آهيانس، هن پنهنجي پاڻ آئو ڪيو اٿس. مونکي ته ڪڻي ٿي ڪٽي جو ڪلهه ماميس وٽ ونـــي ويٺي ساڻس، ماميءَ کي ٿو چوي؛ اما مٺو ڪاڻي ويٺي آهي؛ تـون ٿي ڪا سٺي پڙهيل نڌهن ڳولهي ڏيندس. بس ڇوڪري جو اهو چوڻ ۽ ماميس، ماس، ماروٽس سڀ اچـــي ڇڙيا. چي: شو يا ونڃ دولي، شو يا."

شامداس جـــون اکيون چمڪي اٿيون. چيائين، "پوءِ ڇوڪري به اهـڙي سٺي هوندي نه، جـو سڄي گهر تي هن لاءِ اهڙو اثر وڌل آهي. وڃي اڄ ٿي پٽ کي ڏيکاري اچ. ڪٺمپ جو ڪٺمپ بر ٿي."

رات جو جڏهن ماءُ پٽ ڇوڪري ڏسي موٽيا تڏهن شامداس ڏٺو، دولت ماءُ جي شڪل ڏاڍي لٿل هئي. رڳو دولت اڄ هونءَ جي اينتڙ بلڪل خوش پئي لڳو. پارن کان ڳال ڦري پيت سان هٿي جهٽڻ لـڳو تــه شامداس چيو، "پاڻيان تو اڄ دولت ماءُ جون مرادون پڄيون آهن."

دولت ماءُ ناراضپي سان چيو، "جن اهـــڙا ڪرم ڪيا هجن تنجون مرادون پڄن. مسڄن مسڄن ڇوڪري پسند ڪئي اٿس، سا به ساوري؛ بس بابا چوندهندي ٿي چور..."

"۽ شايد ڏيتي ليتي به ڪونه ڏيندا؟"

دولت ڳال جهٽيندي چيو، "پل نه ڏين."

"ڀل نه ڏين." دولت ڀاءُ غصي مان چيو "ڇو ته
ڏيندا ته ماڻهن پنهنجي پونجيءَ ۾ لڳائي رکندي!
ڇڻ مينهن ڏاڍي ته نينهن ڪيندي ئي ڪانه."

"سمجهه ڪٿي انهنجو پٽ ٻئن لاءِ وڪامڻ نٿو
چاهي. انهنڪان سواءِ ماميءَ ته چيو: "ڪاليج پڙهيل
آهي، ڪٿي نوڪري ڪندي، ٻيو ڇا." دولت ٻئي
ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳو ته پٺيان چيو، "ٻڌ ته."

دولت موٽي آيو. شامداس سمجهاڻيءَ جي نوع ۾
چيو "اها ته ڳالهه سڀني ڇڏي. اسانجا ٻي ٻار ڏسڻا
نيوشن وٺن، مهني سر اهي ئي اچي پوندا."

"اوچهو توهانکي لڳي ٻئن جي. اول ٻڌو ته
سهڻن ته ڇوڪري ڪهڙي آفت آهي. ڇوڪري ۾ ٻئي
ته ماميس ئي چوي: دولتي، ڇوڪري خود توکي
پسند ڪرڻ آئي هئي.

"اڙين!" شامداس ڳل تي هٿ رکي ڏاڍي ويچار
۾ پئجي ويو. پر انهيءَ کجهه سوچي چيائين، "ٻيو
چاهي اڳي ڪين راجڪمارن کي ٻئي ڳولڻ جو حق
هوندو هو. اها ته ٻاڻ اسان جي ويدن شاسترن جي
نيتي ٿي."

"اڙين ٻيءَ پٽ ٻاٽم صلاحي آهيو. مان آهيان جو
اجايو وڃي ٻاٽکي ڏنو ڪريان."

شادي پڪي ٿي. ڪمو آيو. ٻول شهرن اچڻ
لڳيون، سڀ گلاب جي گلن سان سينگاريل. ماءُ ڏند

ڏکو ڪيو نه دل ني ڪجهه چندو هيس. پر شاديءَ ۾ جو ان سونن چوڙن، گلي جي مالها ۽ ٽورن ڏاسي ريشم جي ساڙهين کان وڌيڪ ڇوڪري ڪجهه ڪين ڪٿي آئي، سو دولت ماءُ ڏنهن خلاف اُٿي جنگ — جو جهڳڙو بلند ڪري ڇڏيو.

شاديءَ جي ٻئي صبح جو شويا سس کي پيري پيئي. سس اهڙي چوه مان "چٽ" چئي جو شويا هڪ پيرو سس جي منهن ۾ ڏسڻ لاءِ مجبور ٿي وئي ۽ ٻئي ڪمري ڏانهن ويندي ويندي ٻڌائين ته سس شامداس کي چئي رهي هئي، "ٻهرئين ٿي ڏينهن اکيون ڪڍي ڪاڻي ٿي اچي، اڳتي هلي نه الاجي ڪهڙا رنگ ڪيندي."

شامداس ڳال جون ڏهن ونڻ لاءِ سڪون ايتري ۾ ٽورو ن ٿيندو ن ڏسي، ڪُٽيءَ ۾ پئجي ويو گهر جي تباهيءَ جو ڪڪر سندس اکين اڳيان ڦرڻ لڳو. مگر ٿورن ڏينهن اندر ئي ٻاڙي اوڙي ۾ شويا جي سگهڙتا جي هاڪ پئجي وئي. شويا نه سارو وقت ٽڪاڻن کي چولهو ن پيئي ڪندي هئي ۽ ڏيرن کي پيئي پڙهائيندي هئي. جيڏي مهل ڏس تيڏي مهل سڄو لشڪر چرڏاري مڙيو ويٺو هوندو هوس. سس کي ڪم ڪندو ڏسندي هئي ته ميڙاڪي کي اهڙو ڪو منتر هڻندي هئي جو هرڪو پنهنجي پنهنجي ڪتاب ۾ منهن وجهي ويهي وهندو هو يا

ڪيس ڪم ۾ همٿ وجهائڻ لاءِ هليو ايندو هو.

ڳالهين ڪندي ڇهه مهنا گذري ويا، پر دولت ماءُ ٻنهيءَ جو ڌنڌو ڪين جهڪايو. شامداس نه شويا جي سگهڙتا تان ٻلهار ٿي ويو. هڪڙي ڏينهن منجهند جو شامداس ڏيءَ کي چيو، ”اڄ پٽ نسون روئي وئي ڏي، ٻاچنهن ماٺهين سان گڏ ويهي ٿي کائي.“ سس ٻهران نه چوڪ پڙاو، پر نهن کي ٻاڻ ڏانهن نهاري منٿو مرڪندو ڏٺائين نه وسميءَ ۾ ٻٽڄي ويئي. کائڻ وٺيون نه، نهن کيس زور ڪري کي شيون کارائڻ لڳي. سس ڀر ٿي چيو، ”سهرنهن کاڌي لاءِ زور ڪري ٿڪم، هاڻي تون ٿي ڪراءِ؟“

شامداس طعني جو جواب ڪونه ڏنو. جڏهن ڳالهه چوڻ لاءِ ڪدوار کي اڳيان کارائڻ لاءِ وهاريو هٿائين، ايا انتي ٿي سوچي رهيو هو. آخر چيائين، ”ڪدوار! ٻارن جي مرضي آهي نه ڪانو ٻمت چڏي سندي اسڪول ۾ وهن. نهنجو ڇا خيال آهي؟“

سس کي شويا جو، سهري اڳيان منهن کولي هلڻ نه ڪين وڻيو هو، ٻاقي جو سهرو نهن هن طرح هڪ ٻٽي سان صلاح ڪرڻ ويٺا نه سندس اکيون ڀڄانندا ٿي ويون. چيائين، ”سندي اسڪول جي ته هن ٿي ميچ ڏني هوندن...“

”جڻ ٻٽهن ورور ڪري ڪونه چيو اٿن.“ شامداس نهن جو طرف ڪنيو.

"توهان ته ٻيڙي سمنڊ تي چاڙهي ڇڏي آهي ته."
شوپا رئي جو ٻاڦ ڏاهيندي چيو، "امي مون کين ٻيچ ته ڪانه ڪا ڏني آهي. باقي منهنجا سنڌي ٽيمت، آڪاڻيون ۽ ڏرنڪا ٻڌي سنڌيءَ لاءِ حرص ضرور جاڳيو اٿن. ڪيترن وقتن تي هوءَ، سنڌي نه ڄاڻڻ ڪري ڏاڍا آٻالا لڳندا آهن. ويچارا پنهنجي ٻوليءَ ۾ توهان سان انگل آرا نه ڪري سگهن. سنڌو نگر ۾ رهي سنڌي اخبارون، سنڌي ڪتاب نه پڙهي سگهن..."

"لهڪري؟" دولت ماءُ هڏيءَ مسان چيو، "انگريزي نه سکن!"

شوپا ڏاڍي تحمل سان وراڻيو، "اسين پنهنجي پنهنجي ٻولي سکون ۽ ٻئي ٻيون ٻوليون سکرن. ٻار جيڪو ڪجھ مادري ٻاشا ۾ سکي ۽ سمجھي سگهندو سو ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڏورو ئي سمجھي سگهندو؟"

"سيڪي وڃو" دولت ماءُ موڙو ڏنو. "سنڌ ئي هلي وئي؛ هاڻي سنڌي ڇا ڪبي." چوندي دولت ماءُ اداس ٿي وئي.

شوپا چيو، "امي، هتي نه پاڻ سنڌي قائم رکڻ وڌيڪ ضروري آهي. سب سنڌي انهيءَ هڪ ٽڳي ڌاڳي ۾ ته مالها جي مڻڪن وانگر پوتل آهيون."

شامداس چيو، "ڪنوار، هنڪي ڇڏ. هيءَ لنهنجي ٻالهه ڪانه سمجهندي. پهران ٽارئخ ڏسي ڏهي ٻارن کي سنڌي اسڪول ۾ وهاري اچج."

شوپا اٿي هٿ ڌوئڻ هلي وئي. دولت ماءُ جو

غصو نڙ ۾ ٿي گهڻي اٿڻي ايندو رهيو.

شامداس ڪـي پنهنجي پٽنيءَ جي روش ڪري ڏاڍو ڏک رسيو. راڻ جو شامداس کي ننڊ ۾ سمهيل سمجهي، شويا سس جي ٽنگن کي زور ڏيندي چيو، ”امي، مان ڏاڍي پاڳن واري آهيان جـو توهين اـ موکي ڏيءَ جيان ٿا پاليو. بابا ۽ مونسان اٿين ويهي صلاح مصلحت ڪري جڏهن ته مان هن گهر ۾ ٿي پيدا ٿي آهيان.“

سس لاڏهن اـ ڪو جواب ڪين ڏنو. اهو ڏسي شامداس جو ڏکـ اڃا ۽ وڌي ويو. پوئين صبح جو جڏهن مهل ڪڪين ۽ شويا جا مٽي سر ۾ شاهه سچل ۽ سامي جا بيت پڙهائين، تڏهن تـ سندس من وياڪل ٿي اٿيو. زال جي ڪت ڏانهن نهاري ٿڌو ساهه کڻي من ۾ چيائين، ”دولت ماءُ، ڪاش! تنهنجي سڪل من ۾ به هن نئين واءُ سندل جي ساوڪ لڳي سگهي.“

پهرين تاريخ آئي تـ شويا ننڍي ڀاءُ کي سنڌي اسڪول ۾ وهاري آئي. شامداس تـ ڪانوينٽ جي فين جيترا پئسا ڏنا هئا، مگر سنڌي اسڪول جـي في پـورڻ ڪانپوءِ گهٽيٽي پئسا بچي پيا. شويا اهي سڀ آڻي سس جي ٿريءَ تي رکيا. هيٺرن مهڻن ۾ پهريون ڀـي پيرو سس وڏي شاهي مرڪ کڻي ننڍهن ڏانهن نهاريو.

هڪ ڏينهن سنڌيا جو پار اچي دولت کي لڳا. چي: تون ٻاجو وچاءِ تـ اسين توکي ٿوان واڳـ ٿا

# وڇوڙو

ائين پيو لڳي، ڄڻ سنسان رات ۾، ڪنهن ساز
ريءَ ڪوئيءَ مدهم راڳ، سُر، لئه تال سڀ بند پيا
آهن. ڪوئيءَ جون فقط ڪي ڪڙڪيون ٿي ڪليل آهن،
جن مان ڇٽڪي پيئي چمڪندڙ چاندنيءَ جي ڌارا.
ڪنڊن ڪڙڇن ۾ سان سان ڪندا ڪي اوماڻ، ڪي
سُرتون اڇرڪيون ڪاٽي رهيا آهن، ۽ اگرٻتين جي
دونهين ۾ چاندنيءَ جي ٽوڙن مدهم، هر هر اڀري اٿي
تنهنجي صورت — هڪ سپنهئي ناريءَ جو آڪار!

من پڇي ٿو، ڇڪي وسارڻ سان ڀي وساري نٿو
سگهجي، تڏهن ياد اچي ٿي ڇو ٿي؟ مگر ان ياد کان
سواءِ تنهنجو رهجي ٿي ڇا ويو آهي مون وٽ؟

اسپتال جو هي ڪمرو... فنائيل جي ٻانس......
الاجي ڇا ڪجهه، ڏوڀي ويو آهي. لڳي ٿو ٿولاءِ ڪائي
شڪايت ٿي نه رهي آهي. تنهنجو روپ لڳي پيو،
هڪ ديويءَ جو روپ. پر سال اڳ واري وواهه منڊپ
مان آيل شانت مورتيءَ جو روپ. ڪاش! تون ان ڏينهن
ان طرح شانت نه رهين ها. ڇٽي ڏين ها، ”مونکي
ناهي منظور هيءَ شادي“ ۽ ان رات ٿي نوڙي ڇڏين

ها هي ٻنڌڻ، جو ڏاڍي جوڙي سان ٻنڌڻ هو اڃا. مگر ان ٻنڌڻ جڏهن ناتي جو روپ ورتو، تڏهن ته انکي ٽوڙي نه وڃڻ ها.

اڄ پورا ٻه سال گذري چڪا آهن. تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ ڪوئي ٻنڌڻ نه رهيو آهي. تنهنجي امڙ ۽ منهنجي امڙ، جن گڏجي ٻڌو هو هن ٻنڌڻ کي، اهي ٻئي نه رهيون آهن هن دنيا ۾. پوءِ به دنيا مونکي تنهنجو پتي ۽ لوڪ منهنجي پتني ڪري سمجهندي آهي ۽ انهن ئي جاري آهي زندگيءَ جي هيءَ ٺٺولي! مگر ان ٺٺوليءَ جو انت جيترو ويجهو پوندو پيو وڃي، اوترو ئي توسان ملڻ لاءِ، هيءُ من وڃي پيو وڌيڪ بيچين ٿيندو. ۽ انهيءَ اي چٺيءَ کي مٽائڻ لاءِ ئي ته ٺڪٺڪيءَ ئي چڙهي توسان ملڻ لاءِ نڪري پيو هوس، مگر ڀڃائي آيس، ٽنگ جو هڏو.

ٽنگ جو هڏو ته ڪلهه ڀڳو آهي، پر اُن جڏهن منهنجي گهر مان هلي وئينءَ، تڏهن ڄاڻين ٿي ته ڇا ڪجهه ڀڳو هو؟ ان ڏينهن، جيئن ڇت جي مکيه ڪام ٽٽڻ سان سڄو گهر ٽٽي پوندو آهي، تيئن ٽٽي پيا هئا منهنجا سڀ رشتا ۽ دل جي دنيا ڊهي پيئي هڪ اجڙيل بستي.

ڄاڻان ٿو، تون ڪنهن جي به رواجي دک تي وڄهلي پوندي آهين. اهڙي پيار جي پالنا ملي لوڪي، جو ٻين جون پيڙائون لوڪي پنهنجون پيڙائون

محسوس ٿينديون آهن. ۽ منهنجون ٻيڙائون......

وساري ڇڏج سپڪڙهه. ڏوراٻن جون گهڙيون ٿي ڪٿي رهيون آهن. زخم ۾ زهر چڙهي چڪو آهي. سياڻي صبح جو ستر ٽائين ٽنگ ويئي ڇڏيندا. ويچ نه اچ ڪهندي هئن، ۽ الاجي ڇو نه ويئاٽون. پلا پين ڪي منهنجي زندگيءَ جي ڪهڙي پرواه، جڏهن مونکي پنهنجي زندگيءَ جي پرواه نه رهي آهي. لڳي ٿو زخم جو زهر ريڙو ٽنگ ۾ ٿي نه، ۽ سڄي بدن جي نسن ۾ سڙاڪا پائيندو چڙهندو ٿو وڃي. سياڻي ٽائين ڇا ٿيندو، ڇا نه ٿيندو ڪير ڄاڻي؟ شايد سڀ ڪجهه، اڳئيءَ ۾ سهاڻا ٿي وڃي...

هيءَ اڪيلي دل ڪٿي وڏيڪ جيتري جي اڇا به نه ڪانه رهي آهي. ۽ پوءِ به هڪ نديڙ و دکـ من ڪي اڃو ستائي - تنهنجي ٻانهن جا سهڙا چمڪندڙ چوڙا ۽ ڪدن جون واليون - تنهجو ڇا ٿيندو؟ اهي چيزون تنهنجي سرٻار ٿي مونکي بيحد ٿي پيار ون لڳنديون آهن. ڪڏهن ڪڏهن انهن کي ڏسڻ جو موه ٿي مونکي تنهنجي پيڪيءَ گهٽيءَ جي موڙ وٽ گهلي ايندو هو. ٿون نه مونکي ڏسندي به نه ڏسندي هئينءَ. ان ڏلين جي وچم بيل ڏوري جسمن جي ٻر ۾ لنگهندي به ڪڏهن دور نه ٿي سگهي ۽ سياڻي نه پهچي ويندي عجيب دوري. شايد پوءِ اها دوري ٿي نه رهي. جيڪي ڪجهه اڄ ٿائين معاف نه ڪري سگهينءَ،

معاف ڪري نٿي ڇڏيندا آهن. مرد آلما کي سمجهه، معاف ڪري ڇڏڻ اسانجي سماج جي جهوني رسم چا آهي.

مگر جهونين ريتين ۽ رسمن تي هلڻ واري ناري نه ٿيون نه آهين. ياد اچن پيا اهي ڏينهن، جڏهن اما ٺوڪي جهٽڪي چوندي هئي، "نهر، ساهيڙيون وڃن، ڪاليج پڙهن، پراون مردن سان کلي ڳالهائين، ڪٿان جي آهي اها ريت!"

مون ته خاموش رهي جڏهن اما جي خيالن جي پٺيرائي پئي ڪئي ۽ تو ڪنڌ هيٺ ڪري چيو هو، "مون نٿي ڄاتيو ته ونن گهرن ۾ زندگيءَ کـــي لائين گهٽيرو وهندو آهي."

خبر ناهي، زندگي ماڻڻ جي ڪيڏي چاه هئي تو وٽ! اما نه ٺوڪي پاٻيبندي ڪتب وانگر ڪپڙا ۽ زيور تي ٿي ماڻائڻ چاهيا، پر تون نه ڪڏهن اِيءَ دنيا جي رهواسڻ نڪتيئن. ڪپڙن مٿين جـــو نه تنهنجي واسع تي ڪڏهن ذڪر ٿـي نه آيو. تنهنجي هر ڪا ڳـالهه، جهونين ريتن رسمن جي خلاف هئي ۽ مان هوس جنهن ڪڏهن ريتن رسمن کي اورانگهڻ جي سگهيا ٿـــي نه پائي هئي. اسانجي پالنا الـڳ هئي، اڪري ويچار الڳ هئا ۽ الڳ ٿي ويئون زندگيءَ جون راهون. تو ۽ ۾ اهي ٿي ڏينهن پهر مون وٽان پيا گـذرن، جيڪي تو وٽان پيا گذرن.

ڪڏهن ٻه-ڪيئڙا اچي ٻڌائيندا آهن تنهنجون وارتائون - تو بي. ٽي. پاس ڪري ورتي. هڪ اسڪول جي هيڊ مسٽرس آهين. تو هٿ سنڌين جو جلسو ڪيو، همت وياکيان ڏنئه. هڪ ماسات کان شراب ڇڏائي ڇڏيئه، سهڻي ڇوڪريءَ واري سوٽ کي سانوري ڇوڪريءَ جو سنمان ڪرڻ سيکاري ڇڏيئه. اما، تو کي سڏيو هو گهر جي عزت مٽيءَ ۾ ملائيندڙ نڌڻ! مون به سندس سر ۾ سر ملايو هو. ليڪن هن ويل جڏهن تولاءِ من ۾ ڪا به ڪٽ نه رهي آهي، تڏهن تون لڳين پئي اڇو ڪمل، چمڪندڙ هيرو. مگر هيري جي چمڪ نه دنيا لاءِ ٿي آهي. شيشو، جڏهن ڪيس پاڻ جهڙو سمجهڻ جي ڀل ڪئي، انکي نه هوءُ ڇيري ٿي رهيو. ڪير ڄاڻي ڪيترا ڇيڙ آهن هن دل جي شيشي ۾. ۽ هاڻي ٿو سمجهان ته ڪيئن پڇي ٽڪرا ٿيو هوندو تنهنجي من جو ماڻڪ، جڏهن مان توتي هٿ هلائڻ کان به نه گسس. ان وقت تنهنجين اکين ۾ مشعالون ٻري پيون. تون ڪڙي ٿي بيٺينءَ. ناريءَ جي سر-ر ۾ ايڏي ڪنورتا ڪٿي لڪل رهندي آهي، سا نه مون کي اڄ تائين ڀ خبر نه پئجي سگهي آهي. پر ان ڪنور روپ کي پڌو ٻي ڄاڻان ٿو، جو ناريءَ جي ڪن نازڪ جذبن کي ڏک هڻڻ سان سندس مک تي نمايان ٿي پوندي آهي. تون در کولي هلي وئينءَ. استري ۾ ايڏو ساهس!

اُلٽا ڪٺي جيون ۾ گهڙيا سين ۽ اُلٽا گم ٿيڻ تي ڏنوسين، جيوت ٽٽي چڪي هئي، ۽ جڏهن جيوت کي وري جوڙڻ لاءِ مون وقت سمجهه ۽ آئي تڏهن تون گهڻو اڳتي نڪري چڪي هئينءَ. اڳتي نه گهڻو اڳـــ، ۽ لڳي هئينءَ، مگر مون کي مڃائي نه سگهيو هوس. بي. ٽي. جي امتحان ٽو مٿان هڪ مهر هڻي ڇڏي ۽ مان پيٽ جو دڪان هلائيندي، خبر ناهي ته گهڻا امتحان ڏيئي چڪو آهيان، هدن سالن ۾.

ڪئين ڇوڪريون منهنجي دڪان تان پيئون وٺي ويئون آهن، پر ڪنهن ۾ به منهنجي آتما اڃا نظر نه آئي آهي. ڪاش! اون پلجي ڪڏهن منهنجي دڪان تي اچين ها. هڪ پين خريد ڪرڻ ها. ۽ ان سان پيپر لکندي، امتحان پاس ڪرڻ ها... ليڪن پوءِ به ڇا ٿئي ها؟ اهو ته ٿئي ها، جيڪو ڪجهه ٿـــي ڪڍيو آهي. ڇو ته اهڙي پُڇه ته ڪنهن موٽڪي ڏني ٿي ڪين هئي ته شادي خود منزل ناهي، پر زندگيءَ جي سفر جي هڪ وڏي چاڙهي آهي. تون شاديءَ کان پوءِ به وڪاس جون راهون جهاڳيندي رهينءَ ۽ مان ٽوڪي پائي ٽرپ ٿي ويس. پلا ٽو جهڙي استري پائڻ ڪانپوءِ، اُلٽي رهي ٿي ڪهڙي ٿي سگهي، جو انسان اڳتي ۽ وڌڻ جي ڪوشش ڪري! ليڪن اها به هڪ غلطي هئي. ٽو هڪ ڏيئهن پاڙي جي سکين کي ڪٺو ڪري ڪين راجا جنڪ جي آڪاٽي

وڃي ٻڌائي ته ڪيئن سڀ سک سمونهي هوندي ۽
هن راجا هڪ ٻيو ٻاهه ۾ رکي ڇڏيو هو. مون ان
رات توکي چيو، "راجا جنڪ کي شايد تو جهڙي
سمپورڻ استري نه ملي هوندي، جيڪا سڀني پڙهين
جي ناري جو ٻار کڻي وڃي هجي." ۽ ڪلهدي
ڪلهدي منهنجو دم چڙهي آيو. مگر تون ان وٽ
ڪليو ڪيئن. ۽ ڪلهين نه چيو؟ سمپورڻ نه تون هئينءَ
توکي نه ڪڏهن سمپورڻ پرش جي ئي نه پياس
هئي، ليڪن اسانجيءَ سماج ۾ ته مشڪل ڪو ان
طرح سوچيندو آهي. اڪثر انهن ئي سوچيو ويندو
آهي ته هرڪا استري ڪهڙي ان پرش جي لائق
آهي. تون جڏهن وقت ڪٽڻي چوٽ لي منهنجي ماسان
سان ملڪي ڳالهين لي ٻهٽ ٿي ڪندي هئينءَ ان
وٽ مان چپ چاپ ۾ هيئنئه هليو ويندو هوس. شايد
اهڙيءَ ئي ڪڏهن چوٽ اچي روڪي وڏي هوندي
منهنجي ڪل ۾ ان مهل توکي ياد اچي ويئي ڪاليداس
جي جيون ڪهاڻي، جنهنکي سندس پتنيءَ سندس
مورکتا ياد ڏياري هڪ گهري چوٽ هڻي هئي. ان
مهل، نيڪ ان مهل، هڪ احساس، ٻاٽڪي گهٽ
سمجهڻ جو احساس، منهنجي جيءَ کي پڪڙي ويو.
ڪاش! تون ان وٽ منهنجي ان احساس کي
سمجهي سگهين ها. مگر انهن نه ئي سگهيو. ۽ مونکي
ڏڪارڻ شروع ڪيو. پاٽکي گهٽ سمجهڻ جو احساس

مونکي ڪنهن ڪاهيءَ ۾ ڪيرائڻ لڳو. مان لوڪي پيٽي زور سان ڌڪارڻ لڳس ۽ ائين وڏي ويٺي هٿــي انهنجي منهنجي وچ جي ڪاهي.

رات گهڻي گذري چڪي آهي. سڄي اسپتال ۾ سناٽو ڇانئجي ويو آهي. سڀ بتيون وسامي ويئون آهن ۽ اڄهامي ويو آهي اميد جو ڏيئو.

الوداع راڻي! جيئن ٻيون رسمون نڀوڙي سگهي آهين، تيئن سڀاڻ ڪان پوءِ وڌوا - ويس اوڍڻ جي رسم به نڀوڙي ٿي رهج.

هڪ ڳالهه. ڪيئن لکان؟ لکندي من کي مروڙو ٿو اچي. ۽ موت جي سيڄا تي ستل انسان ا.. وصيعت نه ڪري نه ڪير ڪندو. تون پاڻ جهڙو لائق ٻــرش پائين ته شادي ڪري ڇڏج. منهنجون دعائون، جنجي لوڪي گهرج هجي يا نه به هجي، اتو ڇٽي سگهان، پوءِ ا.. اهي سات ڏيندو ن لوڪي.

خط پورو ڪرڻ لي اچا ته دل نٿي ٿئي. ياد اچي ٿي هڪ ڏينهن جي وارتا. تو پنهنجي هڪ سکيءَ کي ميگهه دوت پڙهي ٻڌايو. منهنجو ڌيان هو انهنجي سکيءَ ۾. تو پڇو ساه کڻي چيو، ''يڪشڻيءَ جي ڇرلر وار يون استريون ته اڄ به گهڻيئي ملنديون پر 'يڪش' جهڙي دل رکندڙ پرش اڄ ڪٿي ٿا ملن؟''

ليڪن اڄ سالــن جي وڇــوڙي کانپوءِ، جيڪو

روح هن بدن مان پرواز ڪرڻ وارو آهـي، ڄاڻين ٿي،
اُن وت ڪهڙي دل سر جهل آهـــي......
شايد وڇوڙو ٿي سر جهيندو آهي "ٻڪش" واري دل.
لکڻ نه رڪجي ٿي ٿو. ماضيءَ جا ڪئين ورق
پيا اکين اڳيان ڦرن، پر هٿن مان طاقت موڪلائي وئي
آهي. پڇاڙيءَ جا اکر نه ڏنگا ڦڏا ٿي پيا آهن.
لهڻجو... پوءِ چاهي ٿون انڪي پنهنجو سمجهين
چاهي نه - پرڪاش. (١٩٦٠)

# ”قدر ڪونهي....“

”اي قدرون سي پريت لڳاڪي ٻالي عمريان گرالي.“

گيتوءَ جو مٺو مٺو سنهو آواز نل جي ڪوٺيءَ مان نڪري صبح جي مٺي ٿڌي هير سان ملي، صندليءَ تي ويٺل گل ماءُ جي ڪنن ۾ گهڙي ويو. هوءَ ٽاڪرن کي سدان ڪرائيندي رڪجي وئي.

گل ماءُ جي اکين مان آنسون اڙي پيا. ٽاڪرن کي ڪپڙا پائي، گيتا جي پوٽي تي ڪوليائين ته سندس ڪڪي گيتوُ، ٻگهي سنهي، عمر جي پڪي، پر رنگ جي صاف اڇي، نل ڪوٺيءَ کان ٻاهر نڪري اچي ڪيريءَ تي ميرا ڪپڙا ٽنگڻ لڳي. ڇوڻ ۾ جيڪا راڳ جي سٽ هئس، سا کنگهه جي دوري اچڻ سبب اڌ ۾ ڪٽجي وئي. ماءُ صندليءَ تي ويٺي ٿــي منهن ورائي چيو، ”گيتو پٽ، تون اڄ دوا ضرور وٺي اچج.“

گيتوءَ ذرا چڙ مان چيو، ”اول نهٽي کان ته پڇ، پئسا ڏيندي دوا لاءِ؟“

نرملا رنڌڻي مان ئي جواب ڏنو، ”پنهنجي دوا لاءِ ۾ پئسا پاڻ ڪاڻ خرچيندينءَ. باقي سباڻيءَ تي سڀنن ڇو ٿي؟“

سس وڏو آواز ڪري چيو، ”آئي! هيڏانهن هيڏانهن، ڇالئي ڇوڙان؟ دوا لاءِ ته، هاڻي پئسا ڪاٿان ڏيندينءَ مس. هڪڙو وڃاري گهر ۾ گهڙي، ٻيو مشين هلائي ٿي نوڪر نچوئي، پنج سئو رپيا ٿي ڪيئي، ٿن ۾ ته اڪ پيسو.“

نرملا وڏي جي در وٽ اچي چيو، ”ماءُ ڪو پنهنجي لاءِ ته ڪانه ٿي گهرائنس“

گيتوءَ ٻئي در وٽ وار ٻئي ڇڏيا. چيائين، ”ڇو ٿا ٿي ڪپڙو گندي اڃا وڃي سلائيءَ مان ڪر. هاڻي وري دوا درمل ته ڇوڻ ٿي سلائيءَ مان وڃي ڪيو. سيان ڇونڊاڻءَ ته ڪاڏو پيٽو ته وڃي سلائيءَ مان ڪيو. مان باقي سلائي ڪريان ڇو؟“

نرملا زور سان ڪمري ۾ اچي چيو، ”هڏيس ٿي أمي! سلائي ٿي ڪري جڏهن ٿي ايڇو ڪري. نه ڪر سلائي ته ٻي جهڙي نه ڪر.“

گيتوءَ چيو، ”هان هان، سلائي ڇو ڪريان؛ مهنجو ڪهڙو ٻار ڪنهو اٿوَ؟“

”اڇا ٻار ڪونه ڪنهو اٿون. جيستائين سلائيءَ مان زتي ڪمايائين ليستائين ته سڀ اسان وٽي ڪيس. جيڪو گهر خرچ لاءِ پگهار ٿو ملي، سو سڀ اِلي ٿي ٻو رو ٿيو وڃي، ڪو مان ٿورو ٿي وٽي ماڻي ڇوڙي ڇڏيان.“

سس همت ڇڏي چيو، ”هاڻي گهڻو ڪيٺو. ماڻين ڇوڙان ته، پيٽي! جڏهن سارو مڙسهن ڪمائي ٿو، ٿدهن

ساڙو نہ گھمڻ گھتڻ سيکجهہ پيئي ڪرين. گيتاءَ جي ڳالھہ ڪر، ويچاري گھر جا گولڪا ٻـوڙهيا ڪري پيئي هجي."

نرملا نرڙ گھنجائي چيو، "چڱو مون هچايو ٿماڻس."

سس عينڪ پائي ٻوٽيءَ ۾ منهن وجهي چيو، "نہ ٻہ ايترو نہ ضرور چوندس تہ لوڪي هيڙي سون جهڙيءَ نران جو قدر ڪرنهي."

نرملا ڪاڏيءَ تي آڱــر رکي چيو، "قدر مون ـکي ڪيئن ڪونهي. قدر نہ انهيءَ ڪونہ ڪيس جو سندس شڪل شبيه ۽ پيار قرب ڪي نہ ليکي، وڃـي ڏيئيءَ ليٿيءَ تي مٿو. مان پيلا ڪهڙو وڃي قـــدر ڪريانس. پائڻ لاهڻ نہ سب چيڪو پيو مليس."

گيتاءَ ڪمت تي وڃي ٿـــوال سان پيرن کي مهٽي چيو، "چا چيڪر پيو ملي، وٺي نہ ڪڏهن پڪا چار وڳا ٻہ ڪين ڏنا ائيئي."

نرملا سس جي اڳيان اچي پٽ تـي ويهي ٻوندي چيو، "هاڻي ڏسو امي! ڪهڙا حرف پڙيانس. مون ـکي ڪهڙا هن گهر ۾ چار آنــ وڳا پڪا اچي نصيب ٿيا آهن، جو هن پوپمڪريءَ کي ڪين ناهي ڏنا ائم."

سس ٿڌي لهجي ۾ چيو، "ملهٽي ٻہ سيڪي، تہ ٻہ پيئي نصيب ڪئين. گهوٽ ٻہ سچو پگهار آڻي ٿهنجي ٿريءَ تي رکي. پوءِ پلي ڪري ڪير مان پاڻي ڪران،

ٻاٽيءَ مان کير ڪڍن. جيئن هلڻ ليٽڻ سؤلي ڪير
اکر ڪونه ڇوهٽي."

نرملا سس جي ٻاسي مان اٿي وڃي وهاٽي لـ‍ي
نونت رکي ڪمت لـــي ايٽي. سخت ناراضپي سان
چيائين، "ٻگهار لريءَ تي لڌهن ٿو رکي، جڏهن خبر
اٿس ته ٻڪاٽيءَ سان خرچ ڪرڻ واري آهيان. توهان
جي همت ٻه ته روز ٻنج ٻڌجوءَ وارا ڪٽا ٿي ٻيا هوندا.
سڀني کي لريءَ تي ڀهشت وڃي ڏيان، ته ٻه قدر ته
ٻاٽيءَ جو ڪونه ٿو ٿٽي."

سس زور سان ٻوٽي ٻند ڪري عيدڪ لاهي چيو،
"قدر وري لڌهڻجو ڪوز ٿيو. قدر ته ٻـــارڻ مڌهڻجو
ڪرڻ ڪوهٽي، جا جيٽري ٿي ٽيهه ٽـوٻا چڏي وڃي
آهي. ٻاٻا، تون چا قدر ڪندينءَ، ٻت ٿي قدر ڪين
ڪيو، ماءُ جي عجت ٿي لاهي ٻت ڪري چڏيائين..."

ٻچٽيءَ مان گـل لهي آٻو. چيائين، "چا جي ڪت
ٻت لـڳاٽي وڃيون آهيو. اما، توکي ته ٻاڻ ٻر ٻنج
ڪان چڏاٽي رام نام جهڻ جو وجهه ڏنو اٿم. اڳي خرچ
ٻکو سديالڀندي هٽينءَ ته ٻيٽي ڪڪ ٽيندي هٽينءَ.
هيڻٽر ڪيڏو آرام اٿيٽي."

"نرٻو ملڪ!" چٽي ماءُ عيدڪ ٻاٽي ٻوٽي ڪرڻ
لـڳي.

ٻت ذرا مرڪي چيو، "اچا ٿرس، ننڍو ٺـاڪر ٿو
اچيٽي، اٿجي وڃي ٻوڄا ڪج."

ماءُ چيو، ”سو ته ٦ سال ٿيا اٿيئي شادي ڪئي، هاڻي مس وڃي ٻار موڪيو اٿيئي“

”مڙس کي قدر ڪونهي تو وٽ. اڳي ٻه چار پلا گهٽ هو؟ هڪ جيئو وڏيڪ ٻالڪ جي سمڙي هٿي اول؟ چڱو ڇڏ ڳالهه کي. نرملا ڏس، هيءَ خميس سڀائي اٿم؟“

گيتوءَ خميس جي ڪالر تي نظر ڪرائي چيو، ”نرملا ڪانه ڇائو پڇين؟ ڪالر جي ڪنڊ ۾ لڳي پيئي آهي. مان هڙئي خميس سڀ ڏيان ٿو ته ڪٽي جيڪر ٻيهي اچڻن. اسانجو پائي ڇا لاءِ قدر ڪندين؟“

پاءُ چيو، ”هاڻي ماڻ ماڻ. ڪوئي لڏي هٿڻ ڳڙيءَ، چي: آءُ ته ٻساري. تون ڇا ڄاڻين مرداني سلائيءَ مان. ڪوٺيون ۽ گهگهرا سڀ گهگهرا.“

پيڻ جي ٻولي ٻي نڊيڙي ٿي ويئي. زال چيو، ”منهنجي ڪوٺي ته ڏايي سوڙهي ناهي اٿس...“

”هائو، هڪڙو سڀ ڏيانو، سو شڪر ته چئو، چي، سوڙهي ناهي اٿس. اڄڪلهه جي فيشن جي خبر ٿئي ڪانه، وڃ ڪري ڪوٺي سوڙهي ناهي اٿس.“

گل چيو، ”سيٺي کي اڃي ٻهنجي قدر جي لڳي آهي. اول منهنجو قدر ڪيو اٿوُ! هيڏو ڪمائي گهر وٺي، وٺو ڳرهه واڌ ۾ وجهانؤ. ناهي ته ٻهڻي مان ڪنهن اچا نيون ته ڪانهي.“

نرملا رنڌڻي طرف ويندي چيو، ”توهين سڌان ته

ڪريو، ڏسو ٻن منٽن ۾ نيرن ٽي ڏيائو ڪين ته."

گل سندان ڪري آيو ته نرملا نيرن آڻي ميز تي رکي. گيتو مشين هلائڻ وانهي رهي هئي. ماءُ پاٺ ڪري آئي هئي. نرملا کي چيائين، "ڏيءُ، منهنجي چانهه ته ڪوسي ڪري وٺ."

گل ڪڙو منهن ڪري چيو، "امان، اڄ چانهه به نه پيتي اٿيئي."

ماءُ ڪمت تسي وانهي، ٽنگن کي زور پئي ڏنا. چيائين، "ڇا پيو چوين. مشين جي آواز ۾ ڪجهه ٻڌڻ ۾ ٿي نٿو اچيم."

گل ڦرڦر ڪندي گهڙي ڇپائيندي چيو، "اها وري هيندڙ ڪٽي وهندي مشين جو راڳ. سڀ پيرا چيو اٿم، جيسين مان آفيس ۾ نه ويو آهيان، تيسين گوڙ نه ڪريو. جيڪو هيترو پيڙي وانگر وهندي اچي، انهو ايترو به خيال نه ڪجي."

گيتو مشين ڇڏي، شوخ نگاهن سان پاءُ طرف ڏسڻ لڳي. ماءُ چيو، "ٻر مونکي چانهه لاءِ ڇا پئي چوين؟"

"چوان ٿو هيڏي مهل تائين پيتي پاٺ پوڄائون ڪرين، جن مان نڪو وري نڪو سري. هوڏانهن هرءِ پلي ڏهين ٻجي ٿا ٿين چانهه جو ديگڙو جهليو ويٺي هجي."

"اڙي ٻچڙا، توهين ڇا منهنجي پاٺ پوڄائن جو

قدر ڪندا. اهي نہ ڪريان ها تہ ڇهن سالن کان پوءِ ڪيئن تنهنجي گود ڀرجي ها."

گل اُٿيو، ماءُ جون ڳالهيون ٻُڌندو رهيو. اُوٽ جا ڏاڪا ٻڌي ٽڪڙو ٽڪڙو گهران نڪتو.

آفيس ۾ پهچي گل ڏٺو، هتي بہ اهائي ڇڪتاڻ لڳي پيئي آهي. سپرنٽينڊنٽ آفيس جي ماڻهن تي اکڙيو ويٺو هو. چئي، "لنچ تي بہ اڌ ڪلاڪ بدران سڄو سڄو ڪلاڪ وٺو. آفيسر تہ مونکي ئي ڇڏي کان وٺي توهانکي ڇاهي. اڄهوڪي هيءُ گل صاحب، اچا هيٺئڙ ٿو اچي. ڇو ڀائي، اڄ شريمتيءَ گهر مان ڇڏيڻ نہ ٿي ڇا؟"

گل هن اوچتي حملي لاءِ بلڪل تيار ڪين هو. خاون ۾ ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيئي چيائين، "ها، مونکي شريمتيءَ نٿي اچڻ ڏنو، بس." آفيس جي سڀني ڪم ڪندڙن کان گل ڇڙي ويئي. گل سُوَنبر مُوَنبر ٿـي وڃي پنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺو. سپرنٽينڊنٽ اچا بہ ڪين ڇڏيس، واڪو ڪري چيائين، "گل، تون هن هفتي ۾ هيءُ پيو ڀيرو دير سان آيو آهين."

گل ڪنڌ هيٺ ڪندي ٿي نرڙ ۾ گهنج وجهي چيو، "هن هفتي سڄو آفيس مان دير سان نڪرندو رهيو آهيان اهو بہ ڪنهن ڄاتو آهي؟"

آفيس جا ماڻهو وري بہ ڪلڪ لڳا. پر سپرنٽينڊنٽ جي منهن تي اچا بہ ناراضپو ظاهر هو. هڪڙي ملازم

ڳل جي ٻئي واريءَ رُڪ تان فائيل ڳوليندي، سندس ڪَن وٽ جهڪي چيو، ”اڄ سپرنٽينڊنٽ، آفيسر وٽان دٻ کائي آيو ٿو ڏسجي. سچ ته ويچارو وڏو پڙهيو آهي، پر آفيسر وٽ قدر ڪونهيس...“

سپرنٽينڊنٽ رڙ ڪري چيو، ”هرگن، تون لنچ لئي سيٽي کان گهڻو ٽائيم چو وٺندو آهين؟“

هرگن اٿان ٻيٺي ٿي وراڻيو، ”ڪم لئي ته ته پورو آهيان نه. منهنجي ورڪ شيٽ انجي شاهدي آهي.“ هرگن جي چوڻ جو نمونو ٻيباڪ هوندي به ايترو ٻاراڻو هو، جو ماڻهن کان نه چاهيندي به کل نڪري وئي.

سپرنٽينڊنٽ ڀوسرندي ورڪ شيٽس اٿلايون. هرگن جي ورڪ شيٽ ڏسي ڪنڌ مٿي ڪري هن ڏي نظر ڪيائي، ڪٽيندڙ لهجي ۾ چيائين، ”سيٽي کان وڌيڪ ڪيس نيڪال ڪرڻ جو مطلب اهو ناهي ته تون سيٽي کان وڌيڪ ڪم ٿو ڪرين؟“

هرگن رڳو پاسي وارن ڪلارڪن جي ٻڌڻ لاءِ آهستي چيو، ”نهيو، جواب نٿو ڏيانءِ. معاف ائيجي. اسان جو قدر ڪيئن ڪندا، جڏهن انهنجو ئي قدر ڪين ٿيو آهي.“

ڪيترو وقت آفيس ۾ چپ چپات لڳي پئي هئي. آفيسر وري سپرنٽينڊنٽ کي ڪوٺايو. سيٽي جي ٻيگهي مٿي. خوب ڳالهائڻ لڳا. هرگن ماٺ هو. آهستي

اچي گل جي ڪلهي تي هٿ رکيائين. گل منهن مٿي کنيو ۽ سندس چهري جون رڳون اڀا ۽ ٽيسو ٻــار وانگر سيٽيل ٿي لڳيون. هرگن چيو "هل ته چانهه پيئي اچون."

گل پروُن ٽاڪي چيو، "نه هلندس."

هرگن چيو "هنج ۾ کڻي ۽ وٺي هلندوسانءِ."

گل کي الائجي ڪهڙو خيال آيو، جو اٿي کڙو ٿيو. ٻه واري ڪرسيءَ تان گجراتي ڪلارڪ مهتا اٿي کڙو ٿيو. چيائين، "مان به تو چانهه پيئڻ هلان."

ڪئنٽين ۾ ٽيئي دوست آفيس جون ڳالهيون ڪيي ويٺا. گل گهر جون ڳالهيون ڇيڙي ويٺو. چي، "جيڪو ڏس، سو چوي منهنجو قدر ڪر. جوءِ چوي، منهنجو قدر ڪونهي. پيءُ چوي، منهنجو قدر ڪونهي. ماءُ چوي، منهنجو قدر ڪونهي؛ عجيب ماجران آهي ۽ هن منحوس سپرنٽينڊنٽ وٽ وري اسانجو قدر ڪونهي."

مهتا چيو "ٻيلي، آهيون ساڳيءَ ٻيڙيءَ ۾ سوار. اسانجو ته، نڪو گهر ۾ قدر آهي، نڪو آفيس ۾. ڪڏهن ڪڏهن ته اهــڙا خار ايندا آهن، جو جيڪر آپگهات ڪري ڇڏجي."

"آپگهات؟" هرگن اچي ٽهڪن ۾ ڇٽڪيو.

گل، مهتا سان سر ملائي چيو، "سچ ٿــو چوين دوست، جيڪر آپگهات ڪري ڇڏجي."

هرگن چانھ جو خالي ٿيل ڪوپ ڀري سيري ميز
تي ٻانهن رکي چيو، "يار، توهين ڀ ڪمال ٿا ڪريو.
رڳو هڪٻئي کان پيا قدر جي تقاضا ڪريو. جنھن
سماج توهانکي سوڙها گهر، اڌو گابرو روزگار ۽ اڻپورو
علم ڏنئي، توهانجي هستيءَ جو ڪوئي قدر نہ ڪيو
آهي، اُنلاءِ نہ ڇڙ ڪا شڪايت ٿي ڪانہ اٿوَ. حقيقت
۾ نہ گهر کان وڃدي آفيس تائين، سڀئي، هڪ ٻئي
ٻڪرو ٻوھ ۾ قائل آهيو ن، انکي ٽوڙڻ کان پوءِ ئي
هڪ انسان، ٻئي انسان جو قدر ڪري سگهندو."

گل چيو، "دوست، تون نہ هميشھ فيلسوفي
ڳالهائيندو آهين."

هرگن ميز تي ڌڪ هڻي اٿي کــڙو ٿيو. چيائين،
"اٿو، يارو اٿو، مڙلو ٿي قدر ڪونهي..."

گل ۽ مهتا کان ڪل نڪري وئي. ● (۱۹۵۷)

# ”سوُريءَ سج چڙهيو....“

۽ هو ٻاٽيءَ گم سم، چپ چاپ اچي ٽيچرس روم ۾ ويٺو. ڪيڏو زور سان ٻئي ڳالهايو ماسترن ۽ ماسترياڻين ٽڪن ڪدن لاءِ ته. هي آواز سچانند جي اندر ۾ فقط هڪ مٿل ڪانوَ مٿان ڪانگاري جيان ٿي وڃيا. پـر جڏهن ٿي مڏهن مٿي ڪري سيڌي ڳـالهائيندڙن جي چهرن تي نظر ڦيرايائين، تڏهن ٿي کيس لڳو، ڪڏهن غفا اندر اڪيلي ٻت زنده ٿي اٿيا آهن، جي راشٽرپتيءَ جي ٽاڙي ٻيان ڪي هڪ ڪيس سمجهي ٻڌهڻجي من جـي ٽارن مان اُن جو سر ڪيي رهيا آهن.

راشٽرپتيءَ جي اها پڪار ته، ”ملڪ جي آئيندي جو مدار ماسترن جي ڪلهن تي آهي.“ سچانند ماستر ڪلهوڪيءَ اخبار ۾ پڙهي چڪو هو. اڄ ٻيهس ۾ رشيا ۽ آمريڪا جـسي ماسترن جي ٻه ڳالهه نڪتي هئي. او چتو هڪڙي ماستر چيو، ”ڇو اڄ ’سج‘ صـاحب سانس آهي؟“

هڪ ماستريانڻيءَ سرلي گـلـي سان چرچو ڪيو: ”سج ڪي سوُريءَ چاڙهيو ويو. ماٺ رهيا مصور.“

هن ئي خيالي چيو اندر جا حقيقت سمايل هئي، اُنکي فقط سچانند ئي ڄاڻو ٿي. انکري هڪ ڪڙي مرڪ سندس مک تي ڦهلي ۽ گم ٿي وئي.

سڀ ماستر ماسترياڻيون گڏجي ڊوڙ سان ٻـا ٻرن جي ڪچاڙ سان هڪٻئي کان هڏڪي اوچتيءَ ماٺ جو سبب پڇڻ لڳا. مٿان پکي وڻان هڪ جهرڪي اڏاڻي ۽ هوا جي مرغول مان ٻاهر نڪري وئي. گهنب لڳو، جو سچانند جي ڇاتيءَ اندر ٻڙاڏا پائي بند ٿي ويو ۽ ان سان گڏ پوري ٿــي وئي رسيس.

سڀ ماستر ماسترياڻيون پڙهڻ ڪلاسن ڏانهن هلڻ لڳا. سچانند بہ عادت انوسار اُتي پڙهڻي ڪلاس ڏانهن هليو ويو. "هي ڪهڙو مـوه!" سچانند جي ميڻ جيـان وجيل من بہ، آخرين لات ڦـڙڪي. هوُ چپ چاپ شاگردن جا منهن تڪيندو ميز وٽ اڀو رهيو. سـڀ شاگرد انــدر اچي چڪا هئا. ڪجهه ڪڻن لاءِ ماٺ ڇانئجي وئي ۽ پوءِ بي آرامي ڦهلجڻ لڳي. آخر هڪڙي شاگرد اُٿي چيو، "سائين، سائنس جا ٽي باب، ٽي پيرا لکي اچڻ لاءِ مليا آهن، تاريخ اَڄ نہ پاڙهيو."

سوال هڪڙي شاگرد ڪيو هو، پــر گهڻن ئي جي منهن تـي ڇانيل هئي. سچانند جي چپن مان ڦٽل ڪل جو ڪجهه حصو ٻاهر نڪتو ۽ ڪنڌ سان اجازت ڏيئي ويٺو رهيو، ٻانهون ٻـڌي چپ

ڇاپ. سنڌس مـن ۾ ڌراڻجي رهيو هو ڪالهوڪي تاريخ جو پيرڊ، هن ٽـي ڪلاس ۾ ٿي هو اهو پيرڊ...

سچانند چيو هو، "اڄڪين واري سـدي جيڪي انـگلنڊ جــي ڪلن، ڀڄلي بتي، ٻلوي لئمپ وغيره جون ڪوجنائون پڙهيرنسين، انهن سڀني جي ڪري ملڪ ۾ ڪلون ۽ ڪارخانا وڌي ويا. شين ٺـاهڻ جي هنر ۾ فيــرو اچي ويو. جيـزون هٿ سان ٺي مشين ذريعي ٺهڻ لڳيون. جنهنڪري گهڻيون ۽ سستيون ٺهيون..."

هڪ ذهين ڇوڪر اٿــي پڇيو هو، "مـگـر سر! هندستان ۾ ته ملين ۽ ڪارخانن کـلـڻ ڪانپوءِ سڀ شيون مهانگيون ٿيون آهن..."

"ها، سر!" هڪ ڇوڪريءَ اٿي چيو، "منهنجي ماءُ چوندي آهي اڳي سوا رپئي سير سچو گيهه ملندو هو ۽ ڇهين آني سير اڪين ڏنــو سچو کير ملندو هو. هوءَ اسڪول ڪانه پڙهندي هئي، ته به ڪيس اڌ سير کير روز پيئڻ لاءِ ملندو هو..."

پوئينءَ قطار ۾ ڪنهن چيڙ ڪئي هئي، "ڇ، ڇ... وچاريءَ کي کير به ڪونه ملي."

سڀني شاگـردن کــان ڌيل ٺهڪ نڪري ويو. سچانند چيو، "مان اهي شيون نٿـو چوان، مان ڳالهه ڪـــو ڪريان ڪپڙي گنديءَ ۽ ڪلن ڪارخانن ۾ ٺهيل

ٻچن جي. مثلا پڙهو ٿيو. ڪتاب سستا ٿيا، انگريزي علم وڌيو......"

هوشيار ڇوڪري دليل سيڪارو پوري پٽ پٽ ۾ چيو، "اسانکي ته ڪتاب ڏاڍا مهانگا ٿا لڳن."

ماستر ڳالهه پڏي ورتي. دهرائي چيائين، "ڇوڙون توهان کي مهانگيون ٿيون ملن، ڇو ته جنهجي هٿن ۾ ٺلون ڪارخانا آهن ۽ ڇپڻ تيار ڪرڻ جي مالڪي آهي، سي انهن تي ڳرو نفعو رکي جلدي جلدي ۽ وڏيڪ شاهوڪار ٿيڻ ٿا چاهين..."

"ته سرڪار ڇو ڪين ٿي انهن تي ضابطو رکي."

ڪلاس جي مانيٽر اٿي پڇيو هو.

"جيڪو سوال توهان پڇيو، اهو سوال انگلنڊ جي پورهيتن جي من ۾ به اٿيو هو، ڇو ته سڀني هٿن جي محنت سان چيزون جڙيون ٿي، پر سڀني ٻارن کي نصيب نه ٿي ٿيون.

هي ء حالت جرمني، فرانس، روس وغيره ۾ به هئي. پورهيت وڌيڪ غريب ۽ مالڪ ويا ٿي وڌيڪ شاهوڪار ٿيندا... نيٺ پورهيتن سرڪار کان مالڪن نفعي مٿان ضابطو رکڻ جي گهر ڪئي ۽ هڪڙو نئون سرشتو پيدا ٿيو، جنهنکي چيو ويو سامپواد. جنهجو مت آهي ته ڪلون، ڪارخانا، ڌنڌا ڌاريون، ڪمائي جا سڀ ذريعا سرڪار پنهنجي هٿ ۾ ڪٺي ۽ ماڻهن جي اٿي، لٿي، اجهي، علم، علاج وغيره لاء ذميوار

رهي." ان وقت اوچتو ڪلاس ۾ اڳي ڪــان وڌيڪ چوچپات لڳي وئي هئي ۽ ٻارن جــا آواز جهڪا ۽ ڌيمل ٻڌڻ ۾ آيا هئا... "هيڊ ماستر..... هيڊ ماستر..."

سچانند ڪالهوڪي اثر هيٺ چرڪ ڀري در طرف نظر ڪئي پــر اتي هيڊ ماستر ڪونه هو. فقط ٻاهر ٻوڇڙ ۾ لٿل ڀت جو بدنما نظارو اسڪول جي سفيدي ظاهــر ڪري رهيو هو. سچانند جي ذهن ۾ هي سڀ ڪالهوڪا واقعــا هڪ ڪــن ۾ گهمي ويا. هو ميز پٺيان ڦري وڃي ڪرسيءَ تي ويٺو.

شاگــرد سڀ سائنس لکڻ ۾ مشغول هئا، ڪن اٻاسيون پئي ڏنيون ۽ سچانند جـــي من ۾ وري نه دهرائجي رهيو هو ڪالهوڪي حالت جو باب... هيڊ ماستر ڪيس پنهنجي پٺيان اچڻ جو اشارو ڏئي اچي پنهنجــي آفيس ۾ ويٺو هو ۽ گنهگــار ٻار جيان ڪيس اڳيان ٻيهاري ڇڏڻ لڳو هو، "مون نه توهان کي شروع ۾ ئـــي چيو هو ته پنهنجا ساميوادي خيال پاڻ وٽ رکجو، ٻارن جي ڪچڙين دلين تي پنهنجا اثر نه وجهجو ليڪن توهين..."

سچانند جي نــــراڙي ۾ گهنج پئجــي ويو هو، نمرتا سان چيو هئائين، "مون ته فقط تاريخ ئـــي پڙهائي آهي، پنهنجا خيال ٻارن تي مڙهڻ جي ڪابه ڪوشش نه ڪئي آهي..."

هيڊ ماستر تيز ٿي چيو هو، "هينئر ئي تـه توهان جو سچو ليڪچر دريءَ وٽ ٻـڌي رهيو هوس، همت

جي ڪنگڻ ڪري آرسيءَ جي ڪهڙي ضرورت......"

سچانند ڏيرج سان چيو هو، "مگر اهو ته سڀ تاريخ جي ڪتاب منجهان ئي پڙهائي رهيو هوس..."

هيڊ ماسٽر مدهن ليءِ ٿهر ۽ آواز ۾ ترشي آڻي چيو، "ڪي ٻيون به شڪايتون مون وٽ پهتل آهن. توهين ڇوڪرن کي سڀني ڌاڳن پائڻ کان منع ٿا ڪريو. ڪنهنجي وشواس سان هٿ چراند ڪرڻ، اسڪول جو ڪم ته ناهي؟"

سچانند کي هن طرح ٻڌيءَ جي وڪاس کي ٻڌا ڏيڻ تي مڙيان ته ڏاڍي لڳي هئي، پوءِ به صبر ڌاري چيو هئائين، "مون ته ڪنهنجي وشواس سان هٿ چراند نه ڪئي آهي. شايد نيتي سکيا جي پيرڊ ۾ ٻارن جي من کي سندس ڌرمن جي نبلتا کان بچائڻ لاءِ ڪڏهن ائين ڪئي چيو هوندم ته سڀني ڌاڳن سان بيماريون ڪونه لهنديون آهن. باقي مون ڪڏهن جا سڀا ڌاڳا ڪٽي ته ڪونه ڦٽا ڪيا آهن..."

هيڊ ماسٽر خدڪيءَ سان ڪنڌ کي هلڪو جهٽڪو ڏنو هو ۽ يڪدم ٻيو ڀارو اچاريو هو، "ليڪن ڇوڪرن کي ڪلاس ۾ ٽنگيل مورتن تي هار ۽ گل چاڙهڻ يا انهن اڳيان اگربتيون ٻارڻ کان منع ڪئي اٿوَ، ان ڳالهه کان ته انڪاري نه ٿي سگهندا؟"

سچانند هي وار سهي نه سگهيو هو. تيزي پرچي ويئي هئي سندس آواز ۾. چيائين، "ڪوڙ ٿيون

ڳالهائين اهي ڇوڪرن ."

هيڊ ماستر جي اوشواسي نظر وڌي، گهڙيءَ فيصلي-
ڪن لڳڻجي لڳي.

سچانند ڪڙي مٺهن سان چيو هو، "توهانکي خبر
آهي ته انهيءَ ڪلاس جـون ڇوڪريون چاهي ڇوڪرا
ڪهڙا آهن؟ ڳالهي ته ڀڏي آهي انهيءَ ڪلاس ۾ مگر
ٻهرئين نمبر کان وٺدي ٻاهريءَ واري نمبر تائين،
هرهڪ شاگرد تومبل ۾ ڪاڻي ڪٽي آهي. مون نيٽي
سکيا جي ٻيٽ ۾ هرهڪ کان سچي ڪرائي ڏنـي
هٺي ۽ پوءِ پڇيو هو مان ته "ڇالاءِ هدن ڪرشن ۽ رام
نانڪ ۽ ميران جي مورتن جي پوڄا ڪندا آهيو؟
سندن ڪير اکيون ارهنکي امتحان ۾ نڪجي ڪرڻ مهل
گهوريندي‌ون ناهن؟ ٻاڪي گـل چاڙهي، اگرائتيون ٻاري
توهان ڪين ڪهڙي عزت ڏني؟"

"مگر سچانند صاحب، اسانکي پڙهڻجا اسکول
هلائڻا آهن، ٻند ڪونه ڪرڻا آهن. ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن
۾ سڀ رهيو ڪٿي آهي جو انهنکي ايڏا پڙهوڙ ڏجن؟"

سچانند جون اکيون ڦاٽي ويئون. سندس من اندر
ڪائي ڪوئل رهون ڪرڻ لڳي: سچو! هھڙن خانگي
اسکولن جي ٻانيڪارن جو انسان جي اٽتيءَ ۾ ڪوئي
وشواس نه رهيو آهي. هدن مان آئيندي لاءِ ڪائـي
اميد نه رکو..."

سچانند در طرف مٺهن ڦيرايو ۽ قدم وڌائڻ لڳي هو.

جو هيڊ ماسٽر ڪڏهن ڪورٽ جي وڏي جج جيان فيصلو ڏنو، ”دنيا ۾ سچ ڪٿي به ڪونه ٿو ملي. لوهان جا اهي آدرشي خيال نيڪ ناهن.“

”مونکي پنهنجن خيالن تي پورو ڀروسو آهي.“

”مونکي بحث لاءِ وقت ڪونهي.“

ان وقت اسڪول جي موڪل جو گهنڊ لڳي چڪو هو. ڇوڪري هانءُ سان ٿي هو گهر وڃڻ هو. ڪيس روئي به نه وٺي هئي، ور ور ڪري هڪ ئي سوال سندس ذهن ۾ اڀري رهيو هو، ”ڇڱاين کي بريءَ نظر سان ڏٺو وڃي ته انسان جو آئيندو ڇا رهيو؟ دنيا ته دنيا، پر اسڪول جي پوتر دنيا ۾ ڪيئن اڀري سگهيا آهن اهڙي قسم جا ڪٽر اوشواسي ڀاو!“ سچانند محسوس ڪيو ته اهي ڀاو سندس چالسيءَ جو ماس چيري رهيا هئا.

ڏينهن ختم ٿيندي ئي رات به آئي هئي، پر سڄي اوشواسي نگاهن جيان انڌيري سان ڀريل. پاسا ورائيندي سچانند جي اکين ۾ هر هر لڙي آيو هو ماسٽريءَ جي چئن مهنن جو باب. اهو باب، جنهن ۾ ڪيترن شاگردن جي جيون جون لڏندڙ ٻيڙيون هيون، سهارا هئا. ٽڙندڙ مکڙين جي پاسباني هئي. قوم جي هستيءَ جا ٻج هئا، تن مٺن ڀاوناڻن جي پاڪيءَ جون جهلڪارون هيون. ٻين ماسٽرن ماسترياڻين جي مترتا هئي؛ هڪ هڪ جي سيني ۾ سُتل روشن دل جا درشن هئا. انهن ٽمٽمائيندڙ روشن ڏيئن ۾ سچانند ڪڏهن پنهنجي خون

کي ٽيل ٻڌائي اوسط جا خيال ۽ ڪيا هئا. ڪڏهن ائين ۽ سوچيو هئائين ته ٻڌ جي مورتيءَ جيان تراشيل ڪيئين ٻت ڪلاسن ۾ وڃنل آهن، جن ۾ ٻـڌ جي آتما جو پرڪاش پرٿو آهي.

انسنا ...... انسنا - راڻين جي اوڇاڳن سان ڪيل انسنا، جڏهن ٻارن جي ڪَن تي ٻوليندا هئا، تڏهن سندن اکڙيون اڇي ٻوندون هيون ڏٻائيون ۽ سچانند انهن ڏٻائين ۾ ڪو شيڪسپيئر، ڪو گرديو، ڪو گورڪي ڪو مهاتما، ڪو مارڪس وينـل ڏسي سگهندو هو...

انهن سڀني ڳالهين ڪـــان اڻانهون هو معصوم، خالص قرب. ڪڏهن گلاب جا گل، ڪڏهن شرڌا پريون نهارون سچانند جي هردي جو پريم ساگر پري ڇلڪائي وجهنديون هيون. ان مهل ڪـلاس ميرا، ڪدا بينچ، اپوڇيون ديوارون، مٽيءَ هاٿو فرش، شرامتيءَ جــي توري ٻـگهار هابيه ڪت پت، سڀ وسري ويندا هئا ۽ جلي ويندا هئا، ڪنهن ڪارڻ جي لگن واريءَ آگ ۾ سڀ اڌورا ارمان...

صبح صبح اسڪول اچڻ مهل سچانند هيڊماستر جي اوشواس ڪـي پهنجي جيءَ تان ائين ڇنڊي ڇڏيو ڪيو، جئن پيچاري جـا اڏايل ڪـڪ جـا ذرڙا ڇنڊبي ڇڏيا ڪجن. پڙهيل طبقي جي، سچ ڏانهن مائل سمجهه ۾، سندس ٻورن پروسو هو. "مـــان ڪائي غلطي تـــ ڪري ٿي نه رهيو آهيان. آزاد هندستان جي مهل ۾

رهڻ لاءِ عادتون ٿيون ته سيکاري رهيو آهيان ٻارن
کي." ساڳي ڳالهه سوچيندي هيڊ ماستر سچانند جي اکين
۾ پاڻي ڀري آيو، ۽ مرداڻي جگر سان ڳوڙها پي ويو.
انهيءَ آزاد هندستان کي ڏسڻ لاءِ ٿيون ته سندس ۾
ڪاليج ڇڏي جيل ويو هو ۽ من ۾ هڪو نشچو ڪيو
هئائين ته جڏهن هندستان آزاد ٿيندو تڏهن هو
پروفيسر ٿيندو ملڪ جي جوانن کي ملڪ لاءِ مرڻ
سيکاريندو. پروفيسر نه ته ماستر ئي سهي، ملڪ جي
محبت ته شاگردن ۾ ئي جاڳائڻي هئي ۽ ٻين ملڪن
جي اندر ۾ اها ته آگ ڏيئيل هئي. ليڪن هي ڇا
ٿي رهيو هو؟ پنهنجي ئي باغ کي پاڻي ڏيندي
ماليءَ کي گنهگار سمجهيو ٿي ويو. ڪٿي ضرور
ڪا غلطي آهي؟..."

۽ رسيس مهل جڏهن هيڊ ماستر ڪيس آفيس ۾
گهرايو هو تڏهن سوچيو هئائين، چوندس وڃي هيڊ
ماستر کي ته "تنهن هندستان جي عمارت اڏيندڙ هن
پورهيت جي هٿ ۾ آهن، هي شاگرد - روڙي سرون.
توهين وشواس رکو ته..." مگر اتي ڪجهه سوچڻ کان
اڳ ئي ڪلارڪ سندس هٿ ۾ هڪ ٻيو پڪڙائي ڇڏيو
هو. پڙهندي ٿي پئي کي پيٽ چوٽ ڪري ڪيسي ۾
وجهي ڇڏيو هئائين...

هيڊ ماستر تاريخ جي پيريڊ ۾، سائنس لکندڙ شاگردن
جي سامهون وڃي، سچانند جي من ۾ جو ڪجهه

جلي رهيو هو، سو هو اسڪول جي شاگردن لاءِ موهن ۽ ملڪ جي آئينديءَ جي لڳن. مگر سنڌس وشواس جا بار ٽٽر ٿي سنڀجي چڪا هئا ۽ هو مجبور ڪرشن ـ ٻنا وسديو جيان چپ چاپ ڪڙو هو.

پيريڊ پوري ٿيڻ ۾ باقي ۵ منٽ مس وڃي بچيا هئا. ڪلاس جا ٻار سائنس جا باب لکي چڪا هئا يا نه، مگر ڪڪ ضرور ٿي پيا هئا. هڪڙي شاگرد اٿي چيو، ”سائين، لکي لکي هٿ ٿا سڙن ڪن، هاڻي ڪي ملڪ جون تازيون خبرون چارون ٻڌايو...“

ماستر ڪرسيءَ تان اٿي ڇوڪرن ڇوڪرين جي مکڙن تي نظر ڦيرائيندو ڪلاس جي دروازي ڏانهن ڀهچي ويو ۽ هٿ جوڙي مرڪندڙ منهن سان ٻڌايائين: ”تازي خبر اها آهي ته اڄ ڪانوءِ تازيون خبرون ٻڌائڻ لاءِ مان اسڪول ۾ موجود نه هوندس...“

”سر...“ شاگردن جي هڪ ئي آواز ۾ ڪيل رڙ سوريءَ چڙهيل سچ کي سرهو ڪري ڇڏيو. ●

(١٩٦٥)

# ”نانڪي“

نانڪيءَ کان پڇندا آهن، ”تون روز ڪڏ ٿي چوٽيءَ هلي وڃين؟“

سڀ ته ڪيس خود به معلوم ڪونهي. ڇا چوي؟

”ائين ئي.“ بس ايترو چئي ڏاڪا ٽپندي اوندهه ٽپڻ کــان ٿورو وقت اڳ، ٿي چوٽيءَ تي پهچي ويندي آهي. هوءَ پري پري آڪاس ڏانهن نهاريندي آهي. آڪاس جي پولار ۾ هيٺ وهندڙ بستيءَ جي وچ ۾ هڪ عجيب جهان جي رچنا ٿــي ويندي آهي. اُن ۾ پنا ٿڌي ٽوُٽيءَ جي هڪ گهر اَڏجي ويندو آهي. نانڪي اُن منجهه پاڻکي نشين ڪدوار جي روپ ۾ ڦــرندو محسوس ڪندي آهي. ڪمري ۾ چار ڪٽون آهن. هڪ تي سندس پتي، پيءُ تي سس، ٽئينءَ تــي ڏيــر ۽ چوٿينءَ تي نران سنڌل آهن. پــاڻ سس سان گــڏ وڃي ٿي سمهي. سس پاسو ورائي آهستي چوي ٿي: ”پتي وساڻي پيئي آهي. اُٿ، وڃي گهوٽ وٽ سمهه.“

ڪجهه ته نه ڪرڻ کــان پوءِ، نانڪي چئبوان پار ڇيان، گهوٽ جي کٽ تي هلي ويندي آهي. مگر سس

جاڳي پيئي ۽ ٽـــوران ڪري ته شايد ننڊ نه آئي هجي، اهو سوچي پنهنجي مٿان چادر ڪـــري ڇڪيندي ته، نانڪيءَ جو سرير اڃا ڪشيل ۽ شرمايل آهي جـــو جيڪر زمين ڪيس جاءِ ڏئي ته ان مهل ئي منجهس پيهي وڃي.

نيوند چوي ٿو، "اڙي، تو راهن ڇڏي هئي نه آٽڻ لاءِ. رنڊڪي ۾ شيشي جي گلاس ۾ رکي ويو هوسانءِ، ڪيڏانهن؟ چوٽي ته خالي اٿيئي، پاڻي ته ڪانه اٿيئي!"

نانڪي چپ تي آڱر رکيس ٿي. پوءِ سندس ڪن وٽ پنهنجو وات آڻي چوي ٿي، "مٿان دادي نه پڌي وٺي. راڻين داديءَ پائي ڇڏي آهي. مون ڇيو مانس، منهنجي آهي. نه چيائين ڪٿان آندءِ. مونکي ڪنڊ هيٺ ڪندو ڏنائين ته چيائين نيوند تي چؤ رڳـــو تنهنجو ئي حق آهي ڇا؟"

"نيڪ آهي، سياڻي ٻي وٺي ايندس."

چوٽ لي، پناري ٿي اينـي، ٽانڪيءَ جو هٿ خود پخود ڇوليءَ جـــي پڇڙيءَ تـــائين ڪجهي ٿـــو وڃي. هاءِ، اها ٻي راڻين ڪڏهن نه آئي. چوٽي اڄ به خالي آهي.

ماضيءَ جو سنسار اڃا به نانڪيءَ جـي سامهون آهي، وچ پولار ۾ هڪ عجيب ڇوڏول جيان.

نيوند هڪ راڻ ڇڏي رهيو هوس، "تون ته اڙف جي ٿهيل آهين."

"نه نه! ڏسو، لڳو ته ڇهڙا ٿانڌا! مان سڄو ڏينهن ائين ليٽي سمجهندي آهيان، مونکي شايد بخار آهي."

"هوء جيڪا تنهنجي ڏيراڻي رهندي آهي نه پاسي واري مڪان ۾، ان کي وڃي ڏسي اچ ته ڪيئن ٿي گهوٽ سان هلي. اُو ۾ ته پيار ٿي ڪونهي. ڇگو پانهن ته وراء."

"نه بابا، مان نه ڏڪان ليٽي. لهران چادر وجهو، اما، دادي، ڪڪو، خبر ناهي ڪير ٿو جاڳندو هجي نه؟"

"بوء چا؟ شادي ڪري آئي آهين، پڇي نه ڪاڻ آئي آهين!"

"نه بابا، مان نه سڄي ڏڪان ليٽي."

"ڏس نه لڳ ڪيئن اڏا برف ٿي وڃا اٿيٺي. ڇپر نه برف جي ٿهيل آهين."

ناڻڪيء کي هڪ قسم جي لاچاري، هڪ قسم جي ڪرهاڻ چاڻيء اندر محسوس ٿئي ٿي. سندس همت خود ۾ خود چاڻيء طرف کڄي وڃي ٿو ۽ ڪل اڇي وڃيس ٿي. مگر اکين مان ۾ جل ڦڙيون ٽوڪي هيمٺ ڪري ٽيون پونس. ناڻڪي مٿي آسمان ڏي نهاري ٿي. سڀجها جي ويلا آهي نه. هيٺ سڪ سڪاڏڪ، چار پاڻر پال برهمچاري، سڀان ڪري آڪاس ۾ اڏامندا هوندا. سندن ڪوڙن ۽ ٽوالن مان پاڻيء جا ڦڙا ڳرندا هوندا. مگر اهين چو آهي، جو اهي برهمچاري چڻن وهين جا پالڪ اسان کي ڏسڻ ۾ نه ايندا آهن. فقط پاڻيء جا ڦڙا ئي سڀجها ويل ڪڏهن صاڻ ڪندا آهن!

